روزاني
سنڌيار سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com

(جلد پهريون) خميس 18 مئي 2023ع بمطابق 27 شوال المڪرم 1444هـ (قيمت 05 روپيا) شمارو 352

حڪومت پي ٽي آءِ اڳواڻ ۽ ڪارڪنن کي گرفتار ڪري دهشت پکيڑي رهي آهي: عمران خان

اسان جي وائيس چيئرمين شاهه محمود قريشي ۽ سيڪريٽري جنرل اسد عمر کي هڪ هفتي کان جيل ۾ قيد ڪيو ويو آهي

عدالتي حڪمن جي باوجود صحافي عمران رياض خان کي عدالت ۾ پيش نه ڪيو ويو، مان پنهنجي ڪارڪنن ۽ اڳواڻن جي غيرقانوني گرفتارين ۽ اغوا جي ڪارروائين جي مذمت ڪريان ٿو

شهريار آفريدي جي گهرواري کي جيل اماٽيو ويو؟ اڳوڻي انساني حقن واري وزير شيرين مزاري جي علاج ۽ سندس ڏيءَ کي مرد پوليس اهلڪارن طرفان جسماني تشدد جي حوالي سان ٻڌي مان تمام گهڻو پريشان آهيان

اسان جي ڪيترين ئي عورت ايم اين اي، حامين ۽ ڪارڪنن کي سجي ملڪ جي جيلن ۾ غيرانساني حالتن ۾ رکيو ويو آهي ۽ اهي پوليس زيادتين جو شڪار آهن

هن فاشسٽ حڪومت طرفان عورتن سان جيڪو سلوڪ ڪيو پيو وڃي اهو سڀ ڪجهه انساني حقن جي سنگين پيڪڙي آهي

اسان جي سمورين عورت اڳواڻن، ڪارڪنن ۽ انهن جي گهرياتين کي فوري طور تي آزاد ڪيو وڃي ۽ تہ انهن جي قيد برداشت ڪرڻ جوگي نہ آهي

لاهور (م ڊ) تحريڪ انصاف چيئرمين عمران خان چيو آهي تہ اسان جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن کي گرفتار ڪيو پيو وڃي اهو سڀ ڪجهه دهشت پکيڙڻ جي لاءِ ڪيو پيو وڃي تہ جيئن هو پنهنجا آئيني حق حاصل نہ ڪري سگهن، سماجي رابطن جي ويب سائيٽ ٽوئيٽر تي پنهنجي هڪ بيان ۾ پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان چيو تہ اسان جي وائيس چيئرمين شاه محمود قريشي ۽ سيڪريٽري جنرل اسد عمر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

لاهور: تحريڪ انصاف چيئرمين عمران خان صحافين سان ڳالهائي رهيو آهي

جناح هائوس حملي ۾ عمران خان ۽ پي ٽي آءِ جا ڪارڪن ملوث آهن: جهانگير ترين

لاهور (م ڊ) سينئر سياستدان جهانگير خان ترين چيو آهي تہ سڄي زندگي پاڪستان ۾ گذاري، سڄي بہ نٿي سگهياسين تہ جناح هائوس تي اهڙو ڪجهه ٿيندو، قومي اثاثي سان جنهن بہ اهڙو ڪجهه ڪيو انهن کي ڪيفر ڪردار تائين پهچڻ گهرجي، ذوالفقار علي ڀٽو کي سزا ملي، بينظير ڀٽو کي شهيد ڪيو ويو، نواز شريف ۽ مريم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

9 مئي تي قوم لاءِ شرمندگي آٿينٽڪ کي انصاف جي ڪٺهڙي ۾ آندو ويندو: آرمي چيف

ڪنهن کي شهيدن جي يادگارن جي بي حرمتي ڪرڻ جي اجازت نہ ڏني ويندي، شهيد پاڪ فوج، قانون لاڳو ڪندڙ ادارن، سرڪاري اهلڪارن ۽ عوام لاءِ فخر آهن: جنرل عاصم منير

منصوبابندي سان ڪيل افسوسناڪ واقعن جي پيهر اجازت نہ ڏني ويندي، پاڪستاني عوام جي دلين ۾ شهيدن جو عظيم مقام سدائين قائم رهندو

پاڪستان ۽ پاڪ فوج جي شهيدن ۽ انهن جي خاندانن کي سدائين اول رکندا آهيون، مستقل طور تي شهيدن جي عظيم قربانين کي انتهائي عزت ۽ وقار سان ڏسون ٿا

پاڪستان ۽ هٿياربند فوج هميشہ سمورن شهيدن ۽ انهن جي خاندانن کي اوليت ڏني آهي، شهيدن جي عظيم قربانين کي هميشہ عزت ۽ وقار جي نگاهہ سان ڏٺو وڃي ٿو

آرمي چيف ياران قوم جي عظمت، عزت ۽ وقار لاءِ شهيدن جي قربانين کي خراج عقيدت پيش ڪئي وئي

آرمي چيف جنرل عاصم منير سيالڪوٽ گيريزن جو دورو ڪيو ۽ شهيدن جي يادگار تي گل نچاور ڪيا: آءِ ايس پي آر

راولپنڈي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) آرمي چيف جنرل عاصم منير چيو آهي تہ 9 مئي جي ڏمير ۾ انڊين قوم کي شرمسار ڪرڻ جي اونداهي ڏينهن کي انصاف جي ڪٺهڙي ۾ آندو ويو، پاڪ فوج جي عام لاڳاپن واري شعبي (آءِ ايس پي آر) موجب آرمي چيف جنرل عاصم منير سيالڪوٽ گيرين جو دورو ڪيو ۽ شهيدن جي يادگار تي گل نچاور ڪيا، آرمي چيف قوم جي عظمت، وقار ۽ چاڙهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

راولپنڈي: آرمي چيف جنرل عاصم منير سيالڪوٽ گيرين جي دوري دوران فوجي آفيسرن کي خطاب ڪندي

حساس ملڪيتن تي حملن جون پاڙون عمران نيازي جي تقريرن ۾ لڪل آهن: وزيراعظم

عمران نيازي سياست کي مذهبي رنگ ڏئي حق ۽ باطل جي جنگ قرار ڏنو: شهباز شريف

عمران نيازي جو مقصد تشدد تي اکسائڻ هو، جنهن جو اسان 9 مئي تي مشاهدو ڪيو

9 مئي تي رياست ۽ ان جي علامتن ۽ حساس ملڪيتن تي حملا ٿيا

لاهور (م ڊ) پنجاب حڪومت تحريڪ انصاف کي ٽيئيسٽر ڏنو آهي تہ فوجي ڪئانٽن تي حملا ڪندڙ 30 کان 40 دهشتگرد زمان پارڪ ۾ موجود آهن، پي ٽي آءِ جون عورتون دهشتگردي ۽ لاءِ ۽ڙ ڪائڻ ۾ مردن کان بہ اڳتي آهن: پنجاب جي سڌ سماءَ واري نگران وزير جي پريس ڪانفرنس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

لاهور: پنجاب جي سڌ سماءَ واري نگران وزير عامر ميئر پريس ڪانفرنس ڪندي

مولوي عبدالڪبير افغانستان جو نئون وزيراعظم مقرر ٿي ويو

ڪابل (م ڊ) مولوي عبدالڪبير افغانستان جو نئون وزيراعظم مقرر ٿي ويو، افغان ميڈيا موجب طالبان جي سهريئر ليڊر ملا هيبت الله اخوند زادا، مولوي عبدالڪبير کي نئون عبوري وزيراعظم مقرر ڪيو آهي، مولوي عبدالڪبير ملا محمد حسن اخوند جي جاءِ تي وزيراعظم جو منصب عارضي طور تي سنڀاليندو، افغان ميڈيا جو چوڻ هو تہ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

فوجي ڪئانٽن تي حملا ڪندڙ 30 کان 40 دهشتگرد زمان پارڪ ۾ موجود آهن: عامر ميئر

پي ٽي آءِ 24 ڪلاڪن اندر دهشتگرد حوالي نہ ڪيا تہ ڪارروائي ڪندا سين، فيصلو ٽي ويو آهي تہ دهشتگردن جو ٽرائل فوجي عدالت ۾ ٿيندو

3 هزار 4 سئو جوابدار گرفتار ٿي چڪا آهن، 254 ڪيس داخل ڪيا ويا آهن، شرپسندن خلاف پوليس جا پڌل هٿ ڪولي ڇڏيا ائٿون

هاڻي ڪنهن بہ رياست جي رٽ کي چئلينج ڪيو تہ ان کي فواد چوڌري کان بہ وڌيڪ تيز ڊوڙڻو پوندو

پي ٽي آءِ جون عورتون دهشتگردي ۽ لاءِ ۽ڙ ڪائڻ ۾ مردن کان بہ اڳتي آهن: پنجاب جي سڌ سماءَ واري نگران وزير جي پريس ڪانفرنس

لاهور (م ڊ) پنجاب حڪومت تحريڪ انصاف کي ٽيئيسٽر ڏنو آهي تہ فوجي ڪئانٽن تي حملا ڪندڙ 30 کان 40 دهشتگرد زمان پارڪ ۾ موجود آهن، پي ٽي آءِ 24 ڪلاڪن اندر دهشتگرد حوالي نہ ڪيا تہ ڪارروائي ڪنداسين، پنجاب جي سڌ سماءَ واري نگران وزير عامر ميئر لاهور ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو تہ فيصلو ٽي ويو آهي تہ دهشتگردن جو ٽرائل فوجي عدالت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

عمران خان جي رهائشگاهہ زمان پارڪ تي امڪاني آپريشن، پوليس جي وڏي نفري پهچي وئي

پوليس مال روڊ ڪان زمان پارڪ ڏانهن ايندڙ ٽريفڪ اڄ وڄ جي لاءِ بند ڪري ڇڏي

زمان پارڪ ريجهو ڊرمپوره پل، علامہ اقبال روڊ، مال روڊ، گڙهي شاهو ڪينال روڊ تي پوليس جي وڏي نفري مقرر ڪئي وئي

پوليس طرفان ڪينال روڊ ڪان مال روڊ ۽ زمان پارڪ ايندڙ وڏين گاڏين جي تلاشي ورتي پئي وڃي

لاهور (م ڊ) تحريڪ انصاف چيئرمين عمران خان جي رهائشگاهہ زمان پارڪ لاهور ۾ امڪاني آپريشن کي نظر ۾ رکندي ڪينال روڊ تي پوليس جي وڏي نفري ڊرمپوره ڦاٽڪ ريجهر پهچي وئي آهي، ڊرمپوره انڊر پاس وٽ ٽريفڪ جام هجڻ سبب مائٽن کي سخت پريشانين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي، پوليس مال روڊ ڪان زمان پارڪ ڏانهن ايندڙ ٽريفڪ اڄ وڄ جي لاءِ بند ڪري ڇڏي آهي، زمان پارڪ ريجهو ڊرمپوره پل، علامہ اقبال روڊ، مال روڊ، گڙهي شاهو ڪينال روڊ تي پوليس جي وڏي نفري مقرر ڪئي وئي آهي، ڊنڊن سان ليس بلٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

پي ٽي آءِ اڳواڻ علي زيدي پارٽي ڇڏڻ وارين خبرن جي تردید ڪري ڇڏي

پي ٽي آءِ ان ڏينهن ڇڏيندس جنهن ڏينهن تحريڪ انصاف چيئرمين عمران خان پي ٽي آءِ ڇڏيندو: علي زيدي

فوج اسان مان ۽ اسان فوج مان آهيون، اختلاف تہ ماءُ، پيءُ، ڀاءُ، ڀينڙ ۽ زال مڙس ۾ بہ ٿيندا آهن

پرامن احتجاج آئيني حق آهي ان کان ڪير بہ روڪي نٿو سگهي پر 9 مئي تي جيڪو ڪجهه ٿيو اها دهشتگردي هئي

ڪراچي: پي ٽي آءِ اڳواڻ علي زيدي صحافين سان ڳالهائي رهيو آهي

ڪراچي (م ڊ) تحريڪ انصاف اڳواڻ علي زيدي پارٽي ڇڏڻ وارين خبرن جي تردید ڪري ڇڏي، ڇڏيندس جنهن ڏينهن تحريڪ انصاف چيئرمين عمران خان پي ٽي آءِ ڇڏيندو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

هڪ ٿابت ٽيل ڪرپٽ ڪي صادق ۽ امين قرار ڏنو ويو: نواز شريف

پٽ کان ڪجهه درهر پگهار نہ وٺڻ تي مون کي نااهل ڪرائي جيل موڪليو ويو

اسان کي سزا ٻڌائيندڙ 60 ارب لنڊن اپارٽمنٽس جي آجيان ڪندا آهن

لنڊن (م ڊ) ن ليگ قائد نواز شريف چيف جسٽس آف پاڪستان عمر عطا بندیال جي ريمارڪس تي ردعمل جو اظهار ڪيو آهي پنهنجي ٽوئيٽ ۾ نواز /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

اسلام آباد: وفاقي وزير اعظم نذير تارڙ جي صدارت هيٺ اعليٰ سطحي اجلاس ٽي رهيو آهي

شيرين مزاري ۽ فلڪ ناز ڪيس مان ڊسچارج، گرفتار نہ ڪرڻ جو حڪم

اسلام آباد جي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ جي جديشل مئجسٽريٽ جي عدالت ۾ شيرين مزاري ۽ فلڪ ناز کي پيش ڪيو ويو

پي ٽي آءِ جي عورت اڳواڻن کي ترنول ٽاڪي ۾ قتل جي قدمن ۽ هٿيار لوڏڻ جي قلمن تحت داخل ڪيس ۾ پيش ڪيو ويو

عدالت شيرين مزاري ۽ فلڪ ناز کي ڪيس مان ڊسچارج ڪندي ڪين گرفتار نہ ڪرڻ جو حڪم ڏنو

اسلام آباد (م ڊ) اسلام آباد جي عدالت پي ٽي آءِ اڳواڻ شيرين مزاري ۽ سينيٽر فلڪ ناز کي ڪيس مان ڊسچارج ڪري ڇڏيو، اسلام آباد جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

شيرين مزاري ۽ فلڪ ناز (فائيل فوٽو)

لاهور هاءِ ڪورٽ پي ٽي آءِ ڪارڪنن جي نظربندي جا حڪم معطل ڪري ڇڏيا

عدالت هينئر تائين 101 ڪارڪنن جي نظربندي جا حڪم معطل ڪري چڪي

مائٽن جا حق پامال نہ ڪريو، انهن کي گهرن ۾ وڃي مائي ڪائڻ ڏيو: جسٽس انوار الحق

لاهور (م ڊ) لاهور هاءِ ڪورٽ پاڪستان تحريڪ انصاف جي ويڙهہ 70 ڪارڪنن جي نظربندي معطل ڪري چڏي، عدالت هينئر تائين 101 ڪارڪنن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

سجاول ضلعي ۾ هارين کي نهر جي پاڻي جي شديد گهٽتائي جو منهن ڏسڻو پوي ٿو: ريحانہ لغاري

آبپاشي ڪاتي جي سمورن نون منصوبن جي سجاول ضلعي جي انتظاميا کي فوري طور تي مڪمل ڪيو وڃي

گذريل سال جي طوفاني برساتن ۾ ٻوڏ سبب فصلن کي سخت نقصان پهتو ۽ هاڻي پاڻي نہ هجڻ ڪري فصل متاثر ٿيا آهن

هاري پاڻي جي فراهمي جي حوالي سان مسلسل رابطو ڪري رهيا آهن: سنڌ اسيمبلي جي ڏينهن اسپيڪر جون ڳالهيون

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ اسيمبلي جي ڏينهن اسپيڪر ريحانہ لغاري جي صدارت هيٺ سجاول ضلعي ۾ نهر جي پاڻي جي گهٽتائي ۽ مون سون برسات جي انتظامن جو جائزو وٺڻ لاءِ هڪ اهم اجلاس سنڌ اسيمبلي ۾ قائم ان جي آفيس ۾ منعقد ٿيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

ڪراچي: سنڌ اسيمبلي جي ڏينهن اسپيڪر ريحانہ لغاري جي صدارت هيٺ ٿيل اجلاس جو ڏيک

صوبائي وزير سيد ناصر شاهہ سراج الحق قادري ۽ محقق ۽ ليکڪ گل حسن ڪلمتي جي وفات تي تعزيت جو اظهار

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي مڪاني ادارن واري صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهہ مشهور عالم دين علامہ سيد شاهہ تراب الحق قادري جي بت چيئرمين پاڪستان سني تحريڪ شاهہ سراج الحق قادري جي لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي مرحوم جي سوگوار خاندان لاءِ وڏو صدمو ۽ ناقابل تلافي نقصان قرار ڏنو آهي. پنهنجي هڪ تعزيتي بيان ۾ هن چيو تہ ڏک جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر جي قيمت ۾ وڌي واڌ

انٽربئنڪ ۾ ڪاروبار جي پڇاڙي تي ڊالر 285.40 رپين تي بند ٿيو

اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر 6 رپيا 70 پئسا مهانگو ٿي ويو

ڪراچي (م ڊ) ملڪ ۾ ڊالر جي قيمت ۾ واڌ جو سلسل جاري آهي ۽ اڄ اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر 6 رپيا 70 پئسا مهانگو ٿي ويو آهي، انٽربئنڪ ۾ ڊالر 44 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ڪراچي مان گهر ٽيل واسي سيڙپڪار ۽ پ پ اڳواڻ اياز مهر بازياب

اياز مهر ويڊيو بيان ۾ پنهنجي گمشدگي بابت ڪجهه بہ نہ ٻڌايو، اياز مهر پنهنجي بازيابيءَ لاءِ آواز اٽارڻ تي سيني جا ٿورا مڃيا

مان پنهنجي ڪراچي واري گهر خيريت سان پهچي ويو آهيان: اياز مهر پاران ويڊيو بيان جاري

اياز مهر جي بازيابيءَ جي خوشيءَ ۾ چڪ شهر ۾ مٺايون ورهايون ويون

ڪراچي (م ڊ) ڪراچي مان پراسرار طور گم ٿي ويل سنڌ جو ناليوار ڪ واسي سيڙپڪار ۽ پ پ اڳواڻ اياز مهر بازياب ٿي گهر پهچي ويو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

ڪراچي مان گم ٽيل واسي سيڙپڪار ۽ پ پ اڳواڻ اياز مهر

سياسي جماعت خلاف ڪارروائي کي ڪرڪ ڊائون چوڻ بددیانتي آهي: مريم نواز

پي ٽي آءِ سبب سياسي جماعت جي آڏ ۾ بنا رنڊڪ جي 9 مئي جو افسوسناڪ واقعو پيش آيو

پي ٽي آءِ شروع کان تشدد، تباهي ڪانسواءِ ٻيئي ڪنهن کي لاءِ نہ بيهاريو ويو

لاهور (م ڊ) ن ليگ جي سينئر نائب صدر مريم نواز چيو آهي تہ سياسي جماعت خلاف ڪارروائي کي ڪرڪ ڊائون چوڻ بددیانتي آهي، ٽوئيٽر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

سنڌ ۾ هارين جي فصلن جي انشورنس بابت چيف سيڪريٽري جي صدارت هيٺ اهم اجلاس منعقد

قدرتي آفتن سان نقصان جي صورت ۾ هارين کي مالي مدد حاصل ٿيندي: چيف سيڪريٽري سنڌ ڊاڪٽر محمد سهيل راجپوت

موسمياتي تبديلي ۽ قدرتي آفتن جي دوران هارين کي مالي نقصان کان بچائڻ لاءِ فصل جي انشورنس لازمي آهي

چاهيون ٿا تہ ننڍن هارين کي قدرتي آفتن ۾ نقصان جي صورت ۾ مالي مدد حاصل هجي

ڪراچي (رپورٽر) چيف سيڪريٽري سنڌ محمد سهيل راجپوت چيو آهي تہ موسمياتي تبديلي جي اثرن سان سنڌ ۾ زراعت جو شعبو وڏو متاثر ٿيو آهي، گذريل سال برسات ۽ ٻوڏ سان هارين جي مالي نقصان ٿيو آهي، اها ڳالهہ هن اڄ هڪ اهم اجلاس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ڪراچي: چيف سيڪريٽري سنڌ محمد سهيل راجپوت جي صدارت هيٺ اجلاس ٿي رهيو آهي

حڪومت جو ڪرپٽو ڪرنسي جي حوالي سان اهم فيصلو

اسلام آباد (م ڊ) حڪومت ڪرپٽو ڪرنسي جي روڪٿام لاءِ انٽرنيٽ تي ڪرپٽو ڪرنسي سروس بند ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو، سينيٽ جي نائي بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي جي اجلاس ۾ اختيارين ٻڌايو تہ اسٽيٽ بئنڪ ۽ آءِ ٽي وزارت ڪرپٽو ڪرنسي بند ڪرڻ تي ڪم شروع ڪري ڇڏيو آهي، نائي بابت مملڪتي وزير عائشا غوث پاشا چيو تہ پاڪستان ۾ ڪرپٽو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

سي او او واٽر بورڊ انجنيئر اسد الله خان پاران لياري واسين سان گڏجاڻي

واٽر بورڊ شهر ۾ پاڻي جي ترجيحي بنيادن تي حل ڪري رهيو آهي: انجنيئر اسد الله خان

آفيسرء ملازم شهرين کي بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات پنهنجا فرض سرانجام ڏين پيا

ڪراچي (رپورٽر) وزير اعلي سنڌ ۽ مڪاني ادارن واري صوبائي وزير جي خصوصي هدايتن تحت واٽر بورڊ شهر ۾ پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي وارن سمورن مسئلن کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪري رهيو آهي ان سلسلي ۾ واٽر بورڊ جا سمورا آفيسرء /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ڪراچي: سي او او واٽر بورڊ انجنيئر اسد الله خان لياري واسين سان گڏجاڻي ڪري رهيو آهي

چوڌري شجاعت پي ٽي آءِ تي پابندي جو مطالبو ڪري ڇڏيو

9 مئي تي جيڪو ٿيو، اهو 75 سالن ۾ ڪڏهن نہ ٿيو: چوڌري شجاعت

مائٽن کي اهڙن اڳواڻن جي ڪاليهہ نہ مڃڻ گهرجي، غلط ڪم ڪندڙن کي سزا ملڻ گهرجي

لاهور (م ڊ) ق ليگ سربراهہ چوڌري شجاعت حسين حڪومت کان پي ٽي آءِ تي پابندي جو مطالبو ڪري ڇڏيو، مسلم ليگ هائوس کان لاهور پريس ڪلب تائين پاڪ فوج سان يڪجهي جي اظهار لاءِ ريلي ڪڍي وئي، جنهن ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ڪراچي: وفاقي وزير شازيہ مري سنڌ حڪومت ترجمان مرتضيٰ وهاب سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪري رهي آهي

راولپنڈي: پرتشدد مظاهرن ۾ سرڪاري ملازمن جي ملوٽ هجڻ جو انڪشاف

ميونسپل ڪارپوريشن جي 3 ملازمن خلاف پيڊا ايڪٽ تحت ڪارروائي شروع ٿي چڪي

ويجوز مان آر ڊي اي واسا، پي ايڇ اي ۽ هيبن ڪاتن جي ملازمن جي سجاٽ ۾ ڪئي ويندي

راولپنڈي (م ڊ) راولپنڈي ۾ پرتشدد مظاهرن دوران سرڪاري ملازمن جي ملوٽ هجڻ جو انڪشاف ٿيو آهي، سرڪاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

سي او او واٽر بورڊ انجنيئر اسد الله خان پاران لياري واسين سان گڏجاڻي

واٽر بورڊ شهر ۾ پاڻي جي ترجيحي بنيادن تي حل ڪري رهيو آهي: انجنيئر اسد الله خان

آفيسرء ملازم شهرين کي بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات پنهنجا فرض سرانجام ڏين پيا

ڪراچي (رپورٽر) وزير اعلي سنڌ ۽ مڪاني ادارن واري صوبائي وزير جي خصوصي هدايتن تحت واٽر بورڊ شهر ۾ پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي وارن سمورن مسئلن کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪري رهيو آهي ان سلسلي ۾ واٽر بورڊ جا سمورا آفيسرء /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ڪراچي: سي او او واٽر بورڊ انجنيئر اسد الله خان لياري واسين سان گڏجاڻي ڪري رهيو آهي

نائجيريا ۾ آمريڪي سفارتڪارن جي قافلي تي حملو، 3 ڄڻا مارجي ويا، 4 اغوا

رياست انامبرا ۾ دهشتگردن آمريڪي سفارتخاني جي عملي جي قافلي کي نشانو بنايو

دهشتگردن پوليس اهلڪارن ۽ قونصلر جي عملي کي قتل ڪرڻ کان پوءِ گاڏي سوڌو سندن لاشن کي ساڙي ڇڏيو

سفارتي عملو واقعي جي جاچ لاءِ نائجيريا جي سيڪيورٽي سروسز سان گڏ ڪم ڪري رهيو آهي: آمريڪي پرڏيهي وزارت

ابوجا (م ڊ) نائجيريا جي رياست انامبرا ۾ دهشتگردن آمريڪي سفارتخاني جي عملي جي قافلي کي نشانو بنايو جنهن ۾ 2 پوليس اهلڪار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

عمران خان کي وڏيڪ ڪنهن بہ ڪيس ۾ گرفتاري کان روڪڻ جي حڪم ۾ 31 مئي تائين واڌ

اسلام آباد (م ڊ) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ تحريڪ انصاف چيئرمين عمران خان کي وڏيڪ ڪنهن بہ ڪيس ۾ گرفتاري کان روڪڻ جي حڪم ۾ 31 مئي تائين واڌ ڪري ڇڏي آهي، اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ عمران خان خلاف 100 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

پي ٽي آءِ جي 2 سنڌ اسيمبلي ميمبرن جو پارٽي ڇڏڻ جو اعلان

پي ٽي آءِ ايم پي اي ڊاڪٽر سنجي گنگواڻي پارٽي ۽ سياست ڇڏڻ جو اعلان ڪيو

پي ٽي آءِ جي سنڌ اسيمبلي ميمبر ڪريم ڪبول بہ پارٽي ڇڏڻ جو اعلان ڪيو

ڪراچي (م ڊ) پي ٽي آءِ جي 2 سنڌ اسيمبلي ميمبرن پارٽي ڇڏڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو، پي ٽي آءِ ايم پي اي ڊاڪٽر سنجي گنگواڻي پارٽي ۽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ملڪ بخاري ۽ علي محمد خان جي نظربندي ڪالعدم قرار ڏئي ڇڏي، آزاد ڪرڻ جو حڪم

جسٽس ميان گل حسن اورنگزيب ملڪ بخاري ۽ علي محمد خان جي نظربندي خلاف داخل ڪيل درخواست تي ٻڌڻي ڪئي

عدالت پي ٽي آءِ جي ٻنهي اڳواڻن جي نظربندي ڪالعدم قرار ڏيندي ڪين فوري طور تي آزاد ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيو

اسلام آباد (م ڊ) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ پي ٽي آءِ اڳواڻ ملڪ بخاري ۽ علي محمد خان کي آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو، اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جسٽس ميان گل حسن اورنگزيب ملڪ بخاري ۽ علي محمد خان جي نظربندي خلاف داخل ڪيل درخواست /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

راجنپور ۾ پراڻي دشمني تکرار تان هٿياربندن 4 ڄڻن کي قتل ڪري ڇڏيو

فائرنگ کان پوءِ جوابدار موقعي تان فرار ٿي ويا، قتل ٿيندڙن ۾ پيءُ، 2 پٽ ۽ ڏيءَ شامل

جوابدارن پراڻي دشمني تکرار تان فائرنگ ڪري 4 ڄڻن کي قتل ڪري ڇڏيو آهي: پوليس

آءِ جي پنجاب ڪوٽلہ ۾ فائرنگ جي واقعي جي آر پي او ڈي جي خان کان رپورٽ طلب ڪري ورتي

راجنپور (م ڊ) راجنپور جي علاقي ڪوٽلہ ۾ قائم پراڻي دشمني تکرار تان جوابدارن گهر ۾ اڪهٺو ننڍ سائل 4 ڄڻن کي فائرنگ ڪري قتل ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

نيب القادر ٽرسٽ ڪيس ۾ بشريٰ بي بي کي اڄ طلب ڪري ورتو

لاهور (م ڊ) قومي احتساب بيورو (نيب) اسلام آباد القادر ٽرسٽ ڪيس ۾ عمران خان جي گهر واري بشريٰ بي بي کي اڄ طلب ڪري ورتي، ذريعن موجب نيب جي 3 رڪني ٽيم القادر ٽرسٽ ڪيس ۾ جاري ڪيل نوٽيس بشريٰ بي بي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

عدالت فردوس نقوي سميت 51 جوابدارن کي جوڊيشل ريمانڊ تي جيل اماٽڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

عدالت پوليس اختيارين کي فردوس شمير نقوي جي ميڊيڪل بابت درخواست تي جيل ۾ طبي سهولتون ڏيڻ جو حڪم بہ جاري ڪيو

عدالت نرسري تي رينجرز چوڪي کي باهہ ڏيندڙ پيءُ ۽ پٽ جي جسماني ريمانڊ ۾ واڌ ڪري ڇڏي

ڪراچي (م ڊ) دهشتگردي جي الزام هيٺ تحريڪ انصاف پرتشدد مظاهرن جي الزام هيٺ گرفتار 51 جوابدارن کي جوڊيشل ريمانڊ تي جيل اماٽڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو، عدالت پوليس اختيارين کي فردوس شمير /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر جي قيمت ۾ واڌ جو سلسل جاري آهي ۽ اڄ اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر 6 رپيا 70 پئسا مهانگو ٿي ويو آهي، انٽربئنڪ ۾ ڊالر 44 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ڪراچي مان گهر ٽيل واسي سيڙپڪار ۽ پ پ اڳواڻ اياز مهر بازياب

اياز مهر ويڊيو بيان ۾ پنهنجي گمشدگي بابت ڪجهه بہ نہ ٻڌايو، اياز مهر پنهنجي بازيابيءَ لاءِ آواز اٽارڻ تي سيني جا ٿورا مڃيا

مان پنهنجي ڪراچي واري گهر خيريت سان پهچي ويو آهيان: اياز مهر پاران ويڊيو بيان جاري

اياز مهر جي بازيابيءَ جي خوشيءَ ۾ چڪ شهر ۾ مٺايون ورهايون ويون

ڪراچي (م ڊ) ڪراچي مان پراسرار طور گم ٿي ويل سنڌ جو ناليوار ڪ واسي سيڙپڪار ۽ پ پ اڳواڻ اياز مهر بازياب ٿي گهر پهچي ويو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

ڪراچي مان گم ٽيل واسي سيڙپڪار ۽ پ پ اڳواڻ اياز مهر

سياسي جماعت خلاف ڪارروائي کي ڪرڪ ڊائون چوڻ بددیانتي آهي: مريم نواز

پي ٽي آءِ سبب سياسي جماعت جي آڏ ۾ بنا رنڊڪ جي 9 مئي جو افسوسناڪ واقعو پيش آيو

پي ٽي آءِ شروع کان تشدد، تباهي ڪانسواءِ ٻيئي ڪنهن کي لاءِ نہ بيهاريو ويو

لاهور (م ڊ) ن ليگ جي سينئر نائب صدر مريم نواز چيو آهي تہ سياسي جماعت خلاف ڪارروائي کي ڪرڪ ڊائون چوڻ بددیانتي آهي، ٽوئيٽر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

سنڌ ۾ هارين جي فصلن جي انشورنس بابت چيف سيڪريٽري جي صدارت هيٺ اهم اجلاس منعقد

قدرتي آفتن سان نقصان جي صورت ۾ هارين کي مالي مدد حاصل ٿيندي: چيف سيڪريٽري سنڌ ڊاڪٽر محمد سهيل راجپوت

موسمياتي تبديلي ۽ قدرتي آفتن جي دوران هارين کي مالي نقصان کان بچائڻ لاءِ فصل جي انشورنس لازمي آهي

چاهيون ٿا تہ ننڍن هارين کي قدرتي آفتن ۾ نقصان جي صورت ۾ مالي مدد حاصل هجي

ڪراچي (رپورٽر) چيف سيڪريٽري سنڌ محمد سهيل راجپوت چيو آهي تہ موسمياتي تبديلي جي اثرن سان سنڌ ۾ زراعت جو شعبو وڏو متاثر ٿيو آهي، گذريل سال برسات ۽ ٻوڏ سان هارين جي مالي نقصان ٿيو آهي، اها ڳالهہ هن اڄ هڪ اهم اجلاس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ڪراچي: چيف سيڪريٽري سنڌ محمد سهيل راجپوت جي صدارت هيٺ اجلاس ٿي رهيو آهي

حڪومت جو ڪرپٽو ڪرنسي جي حوالي سان اهم فيصلو

اسلام آباد (م ڊ) حڪومت ڪرپٽو ڪرنسي جي روڪٿام لاءِ انٽرنيٽ تي ڪرپٽو ڪرنسي سروس بند ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو، سينيٽ جي نائي بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي جي اجلاس ۾ اختيارين ٻڌايو تہ اسٽيٽ بئنڪ ۽ آءِ ٽي وزارت ڪرپٽو ڪرنسي بند ڪرڻ تي ڪم شروع ڪري ڇڏيو آهي، نائي بابت مملڪتي وزير عائشا غوث پاشا چيو تہ پاڪستان

ٽنڊوباگو ۾ ڏيئي پرسان گوٽ جعفر سولنگي جي رهواسين جو ٻاٽرن خلاف احتجاج

زميندار عبدالله ميمڻ جي ظلمن خلاف احتجاج، هارپي جي حساب لاءِ نوٽيس جي گهر

اسان تان کوڙا کيس ختم ڪرائي ٻڌئي جو حساب ۽ وندي ڏياري وجي: گاجي ماڇي

درخواست تان هت کٽڻ گهر ساڙڻ ۽ کوڙن کيسن ۾ ڦاسائيڻ جون ڏمڪيون ڏيئي رهيو آهي

ٽنڈوباگو(رپورٽ:رفاقت جروار) ڏيئي پرسان گوٽ جعفر سولنگي جي رهواسين جو ظالم زميندار عبدالله ميمڻ جي ظلمن خلاف احتجاج هارپي جي حساب ۽ کوڙن کيسن خلاف هارين گاجي ماڇي علي احمد ماڇي حسين غلام رسول ۽ ٻين ٽنڈوباگو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ٽنڈر باگو: گوٽ جعفر سولنگي جا رهواسي ٻاٽرن جي زيادتين خلاف احتجاج ڪندي

تائون ڪميٽي گهارو پاران وڏندڙ گرمي جي سبب شهر ۾ هيٽ اسٽروڪ ڪئمپ قائم

ٽڪو (رپورٽ:جاويد لطيف ميمڻ) تائون ڪميٽي گهارو پاران وڏندڙ گرمي جي سبب شهر ۾ هيٽ اسٽروڪ ڪئمپ قائم تائون ايڊمنسٽريٽر عبدالغفور هيجب جي نگراني ۾ پي ايس 79 جي پ پ پ ايم پي اي سردار جام اويس بجار خان جوڪيو جي خاص هدايتن قومي شاهراه تي ڏڻي پائي شريت ۽ جوس جي سبيل قائم ڪئي ويئي آهي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

”منشيات خلاف ٽولڪين“ تي منشيات فروش جو حملو، سخت تشدد

گجي پريس ڪلب جي اڳوڻي صدر اقبال ميمڻ تي تشدد خلاف احتجاج

ايس ايس پي ٽڪو عديل احمد چانديو معاملي جو نوٽيس وٺي هدايتون جاري ڪيون

گهارو (بشار جوڪيو) ”منشيات خلاف ٽولڪين“ تي منشيات فروش جو حملو، سخت تشدد خلاف احتجاج جي اڳوڻي صدر اقبال ميمڻ تي منشيات فروش محفوظ عرف ڪاؤ ميمڻ منشيات خلاف لکڻ تان گارگنڈ ڪري حملو ڪري سخت تشدد جو نشانو بنايو. واقعي بعد شهرين ۽ صحافين ۾ تاؙ پکڙجي ويو. واقعي جي فوري طور گهارو تائي تي ايف آئي آر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

گلاب لغاري ۾ مشهور علي اڪبر زرعي گروپ ڪمپني پاران زرعي سيمنار منعقد

گوٽ اميربخش لغاري ۾ راجڪمار لوهاڻو ۽ حاجي امين لغاري جي ميزباني هيٺ سيمنار

عملدارن في ايڪڙ ٻوٽن جي تعداد پاڻي ڏيڻ جي ترتيب سان گڏ ڪاڌ خوراڪ جي مقدار بابت ڄاڻ ڏني

سيمينار ۾ راجڪمار لوهاڻو محمد صديق لغاري محمد موسيٰ لغاري ڪوڏومل لوهاڻو عبدالعزيز لغاري شريڪ

گلاب لغاري (رپورٽ: گلزار لغاري) گلاب لغاري شهر ۾ ملڪ جي مشهور علي اڪبر زرعي گروپ جي ٽارگيٽ ڪمپني پاران گهٽ خرچ تي بهتر پٽاوار حاصل ڪرڻ لاءِ گوٽ اميربخش لغاري ۾ راجڪمار لوهاڻو ۽ حاجي امين لغاري جي ميزباني هيٺ زرعي سيمنار منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ سوين مقامي آبارگارن ۽ هارين پاران شرڪت ڪئي ويئي پروگرام جو آغاز تلاوت ڪلام پاڪ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

گلاب لغاري: منعقد زرعي سيمنار ۾ اڳواڻ ويڊل آهن

نوشهرو فيروز ۽ آس پاس جي علاقن ۾ ٻن ڏينهن کان بجلي ناهي: شهري اڳواڻ

نوشهرو فيروز(ڊ ر) نوشهرو فيروز ۽ آس پاس جي علاقن ۾ گذريل ٻن ڏينهن کان بجلي ناهي جنهن سبب شهري سخت عذاب ۾ آهن طوفاني هوائن سبب ڪريل بجلي جي پولن لاءِ نه مشنري پهتي آهي ۽ نه ئي ڪم ۾ ڪا تيزي نظر اچي رهي آهي سپيڪو ذريعن جو چوڻ آهي عارضي بجلي جي بحالي ۾ ٻه ڏينهڪ به ٿي ڏينهن لڳي سگهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

شهدادڪوٽ ۾ لاڪاهه برادري جي ماڻهن پاران قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

نيو ڪراچي سائيٽ سپر هاءِ وي ٽاڻي جي حد ۾ مبينا قتل ٿيل نوجوان جي وارثن مظاهرو ڪيو

ڪراچي پوليس خلاف لاڪاهه برادري ماڻهن پاران هٽن ۾ پلي ڪارڊ کڻي پريس ڪلب اڳيان احتجاج

مزدوري سانگي ڪراچي ويل 17 ورهين جي اختر حسين لاڪاهه کي ماڻهن قتل ڪيو آهي: مظاهرين

شهدادڪوٽ (ڊ ر) شهدادڪوٽ ۾ لاڪاهه برادري جي ماڻهن پاران مقتول اختر حسين لاڪاهه جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ ۽ ڪراچي پوليس خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري نيو ڪراچي سائيٽ سپر هاءِ وي ٽاڻي جي حد ۾ مبينا قتل ٿيل نوجوان اختر حسين لاڪاهه جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ ۽ ڪراچي پوليس خلاف لاڪاهه برادري ماڻهن پاران هٽن ۾ پلي ڪارڊ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

روهڙي جا 2 اهم اڳواڻ پي ٽي آئي کي الوداع ڇڏي پ پ ۾ شموليت جو اعلان ڪري ڇڏيو

ناصر حسين شاهه جي فرزند سکر پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻ تي اعتماد جو اظهار ڪيو ويو

عمران خان ۽ پوئلڳن اهو ڪم ڪيو جيڪو پاڪستان جي دشمن ملڪ به نه ڪيو آهي: ڪميل حيدر

سکر زيرو پوائنٽ کان روهڙي ڊي ايس پي آفيس تائين پل ٺهرائي پئي وڃي اسان پارڪن کي اپ گريڊ تا ڪيون

سکر(امداد علي گل ڪلوڙ)پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻ سيد ڪميل حيدر شاه جي شاندار بالنگ پاڪستان تحريڪ انصاف جون به وڪيٽون ڪيرائي ڇڏيون روهڙي جا به اهم اڳواڻ پي ٽي آئي کي الوداع ڇڏي پ پ ۾ شموليت جو اعلان ڪري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

سکر: ناصر حسين شاهه جو فرزند پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

چمبڙ ٽاڻي جي حد گوٽ دودو خان لنڊ ۾ مبينا قتل ٽيل ناري جي وارثن جو احتجاج

ٽنڈوالهيار (رپورٽر) ٽنڈوالهيار ويجهو چمبڙ ٽاڻي جي حد گوٽ دودو خان لنڊ جي رهواسڻ شادي شده ناري شميد لنڊ جو ڪجه ڏينهن پهرين سندس گهر ۾ پراسرار طريقي سان موت ٽيو هو . پراسرار نموني فوت ٽيندڙ ناري شميد لنڊ جي والد محمد خان لنڊ ميديا اڇيان ڏانهنبندي ڄيو آهي ته ڪجه ڏينهن اڳ منهنجي نياڻي جو موت سندس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ڊي سي نوشهروفيروز جي اڳواڻي ۾ ڪٽڪ ۽ ڪنڊ جي ذخيرو ڪندڙن خلاف ڪريڪ ڊائون

وڏي وزير جي خاص حڪمن ۽ ڊپٽي ڪمشنر شاهزيب شيخ جي اڳواڻي ۾ ذخيره اندوزن خلاف ايڪشن

ڪارروائي دوران ضلعي جي مختلف هنڌن تان ڪٽڪ جون 4000 (چار هزار) بوريون هٽ ڪيون ويون

ڪٽڪ، ڪنڊ ۽ ڪاڌ خوراڪ ۽ ٻين کاڌي پيتي جي شين جي ذخيرو ڪندڙن خلاف ڪارروائي جاري رهندي ڊائون جاري. سنڌ جي ردي وزير جي خاص حڪمن ۽ ڊپٽي ڪمشنر شاهزيب شيخ جي اڳواڻي ۾ ذخيره اندوزن خلاف ڪارروائي. ضلعي جي مختلف هنڌن تان ڪٽڪ جون 4000 (چار هزار) بوريون هٽ ڪيون ويون. تفصيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ايس يو پي جي مرڪزي صدر سيد زين شاهه پاران گل حسن ڪلمتي جي لاڏاڻي تي تعزيت

گل حسن ڪلمتي جي وڇوڙي تي نهايت ڏک جو اظهار ڪندي پوئيرن سان تعزيت جو اظهار

گل حسن جو وڇوڙو سنڌ جي تاريخ ۽ خاص ڪري ڪراچيءَ جي ڳوٺن جو اشو. يقينن اڄ اسان سنڌ جي هڪ جاکوڙي ڪردار کان محروم ٿي ويا آهيون

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي مرڪزي صدر سيد زين شاهه پاران تاليواري تاريخ دان ۽ ليکڪ گل حسن ڪلمتي جي وڇوڙي تي نهايت ڏک جو اظهار ڪندي سندس پوئيرن سان تعزيت جو اظهار ڪيو آهي. پهنجي جاري ڪيل بيان ۾ سيد زين شاهه جو چوڻ هو ته گل حسن ڪلمتي جي وڇوڙي سنڌ جي تاريخ ۽ خاص ڪري ڪراچيءَ جي تاريخ جو هڪ انمول باب آهي جيڪو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ڪراچي: ايس يو پي اڳواڻ زين شاهه ميڊيا سان گالهائي رهيو آهي

ٽنڈوالهيار شهر ۾ سبحان ڪالوني جي رهواسڻ پاران احتجاجي مظاهرو

ٽنڈوالهيار (رپورٽر) ٽنڈوالهيار شهر ۾ سبحان ڪالوني جي ۽ رهائشي 25 سالا ناري پروين آرائين پنهنجي پاءُ اسد آرائين سان گڏ پاڻ سان ٽيل ناانصافين خلاف ڏانهن ڪشي سنڌ ڊرٽي پريس ڪلب تي پهچي ويا . ناري پروين آرائين صحافين اڳيان احتجاج ڪندي ٻڌايو ته منهنجي ۽ شادي نصرپور غريب آباد ڪالوني ۾ ٽيل آهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ٽائون ڪاميٽي رائيپور جي ٻن رٽائرڊ ملازمن پاران احتجاجي مظاهرو

مجاهد حسين ڇڇڑو ايڊمنسٽريٽر مير حسن ميراڻي خلاف مظاهرو ڪيو ويو

اسان جا ڇا بک اڄ تي آهن کو نوٽيس وٺڻ لاءِ تيار ناهي: مظاهرين جون دانهون

هڪ ڪرڙ ست ونجاهه لک هر مهيني جي بجيٽ هوندي به پگهارن کان محروم آهيون

رائيپور (رپورٽر) ٽائون ڪاميٽي رائيپور جا رٽائرڊ ملازم فقير محمد عباسي ، لاهوني سڪندر علي وساڻ جون پنج مهينن کان پگهارون بند هجڻ جو الزام لڳائيندي رائيپور ٽائون ڪاميٽي آفيس جي سامهون احتجاج ڪيو. مظاهرين جو چوڻ هو ته ٽائون ڪاميٽي جي ايڊمنسٽريٽر مير حسن ميراڻي جي ڪرپشن سبب ٽائون ڪاميٽي ڏيوالپڻي جي حد تي پهچي وئي آهي. ملازمن سڀ کان پهرين ايڊمنسٽريٽر جي آفيس جي سامهون احتجاج ڪيو پر جڏهن ڪو به آفيسر ٻڌڻ لاءِ تيار نه ٿيو تڏهن ملازمن سڀ اظهار يڪجهتي طور ڪئنمپ تي پهچي ملازمن سان انصاف ڪرڻ جو مطالبو ڪيو. ان موقعي تي تاجر شهر جا سياسي سماجي شخصيتون به پهتيون ۽ ملازمن سان اظهار همدردي ڪئي. مظاهرين جو چوڻ هو ته ٽائون ڪاميٽي رائيپور جي ايڊمنسٽريٽر مير حسن ميراڻي ۽ سندس ساٿين جي ڪرپشن سبب ٽائون ڪاميٽي ڏيوالپڻي جي حد تي پهچي وئي آهي. ملازمن جو چوڻ هو ته

روزاني
سنڌيار
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
ايڊيٽر: اعجاز مهر
خميس 18 مئي 2023ع

نافص آدمشماري

تازو ٽيل ملڪي سطح تي آدمشماريءَ بابت جيڪي خدشا سامهون آيا آهن، اهي سنجيده نوعيت جا آهن. چاڪاڻ ته ملڪ ۾ جڏهن به آدمشماري ٿيندي آهي ته اها سياسي بنيادن تي ڪئي ويندي آهي، جنهنڪري ان جي نتيجن کي قبول نه ڪيو ويندو آهي. اهڙي ريت هاڻوڪي آدمشماريءَ کي ڊجيٽل آدمشماري چيو ٿو وڃي ته اها سموري آدمشماري ناقص تصور ڪئي ٿي وڃي چاڪاڻ ته سنڌ ۾ ايڇ تائين به ڪيترائي علاقاتا ۽ شهر آهن، جتي ماڻهن جي ڳڻپ ٿي ئي ناهي. جڏهن ڳڻپ ناهي ٿي ته پوءِ اها آدمشماري ڪنهن به ريت مڪمل نٿي سگهجي.

خبر موجب حيدرآباد ۾ گهر شماري ڪانپو آدمشماريءَ ۾ واڌ ڪندي 15 مئي جي واڌ ڪئي وئي هئي. جيڪا ٻه ڏينهن اڳ پڇاڻي تي پهتي. ان ڏس ۾ حيدرآباد ۾ جي او آر ڪالونيءَ ۾ قائم شماريات ڪاتي جي آفيس جي عملي موجب ته اسان جي ٽيم حيدرآباد ۾ آدمشماريءَ جي مرحلو مڪمل ڪيو آهي. جڏهن ته قاسم آباد ۾ ڪيترن ئي ماڻهن کي ڳڻپ ۾ شامل نه ڪرڻ واري سوال تي سينسز قاسم آباد جي انچارج شڪيل رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته اسان حيدرآباد جي قاسم آباد ۾ اي سي قاسم آباد جي عملي سان گڏجي آدمشماريءَ جو مرحلو مڪمل ڪيو آهي. جڏهن ته مختلف شهرين ۽ صحافين طرفان ڳڻپ ۾ شامل نه ڪرڻ تي قاسم آباد ۾ عملي جي ٽيم ماڻهن جي گهرن تي پهچي ڊوائيس ۾ نالا شامل ڪرڻ لڳي وئي هئي. عملي موجب ته ماڻهن جي گهرن ۾ موجودگي نه هجڻ ڪري ڳڻپ رهجي وئي آهي. اسان ٻيا گهر ۽ فليٽ ڳڻپ ۾ شامل ڪيا آهن. شهرين موجب ته عملو سندن گهرن تي نه آيو هو. جڏهن ته حيدرآباد جي سٽي، لطيف آباد، قاسم آباد ۽ تعلقي ٻهراڙي ۾ ڳڻپ جا انگ اکر جاري ڪرڻ بابت ڊي سي حيدرآباد فواد غفار سومرو رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته سندن آفيس ۾ ڊوائيس جي ڊيٽا مان ڳڻپ جو سلسلو اڄ مڪمل ڪيو ويندو. جنهن ڪانپوءِ حيدرآباد ضلعي جا انگ اکر ٻڌائي سگهنداسين. ٻئي طرف سنڌ صوبي جي ڳڻپ جي سلسلي ۾ شماريات ڪاتي طرفان جاري ڪيل انگ اکر موجب ته سنڌ ۾ 5 ڪروڙ 61 لک 761 ماڻهن جي ڳڻپ ڪئي وئي آهي. جنهن ۾ 2 ڪروڙ 96 لک 56 هزار مرد، 2 ڪروڙ 65 لک 714 عورتون ۽ 3 هزار 724 ٽرانسجينڊر شامل آهن. جنهن ۾ حيدرآباد ڊويزن جي آبادي هڪ ڪروڙ 21 لک 7 هزار ٻڌائي وئي آهي.

ملڪ ۾ گذريل ستن ڏهاڪن کان وئي آدمشماري ڪرڻ جو روايتي طريقو رائج آهي، جڏهن ته ان کي بهتر ڪري سگهجي ٿو. جيڪڏهن اهو ڪم ميونسپل ادارن کي ڏنو وڃي، هر سال هڪ اهڙو فارم گهر گهر فراهم ڪيو وڃي ۽ ان ۾ گهر پاتين کي شامل ڪري واپس ڪيو وڃي ته ان سان وڏي خرچ کان به بچي سگهجي ٿو ۽ وسيلا به ضايع ڪونه ٿيندا. هاڻوڪي آدمشماريءَ جا نتيجا جڏهن پڌرا ڪيا ويندا ته ان کي سياسي ڏريون قبول ڪونه ڪندياسين. ان کان به اهم ڳالهه اها آهي ته آدمشماري ڪنهن سياسي پارٽيءَ جي چرچ تي نه پر هڪ سنجيده معاملو سمجهي ڪرڻ گهرجي ته جيئن ماڻهن جي اصل انگ جي خبر پئجي سگهي ۽ ان جي آڌار نتيجن کي سيڙي ڏريون بنا ڪنهن اعتراض جي قبول به ڪن.

ٽرسٽ ۽ القادر ٽرسٽ، پروسو ۽ القادر ٽرسٽ

پروفيسر ڊاڪٽر سيد محمد هارون بخاري

ٽرسٽ جون به معنائون آهن، هڪ لغوي ۽ ٻي قانوني. لغوي لحاظ سان ٽرسٽ جي معنيٰ "اعتماد" آهي ۽ قانوني طور تي "ٽرسٽ" هڪڙو هلڪڙو خيراتي ادارو هوندو آهي، جنهن ۾ اثاثن جي ملڪيت ٽرسٽي (اداري جي سربراهه) وٽ هوندي آهي. ٽرسٽ قائم ڪري ورائت ٽيڪس، گفٽ ٽيڪس، ويلٿ ٽيڪس ۽ ٽرانسفر ٽيڪس کان بچي سگهجي ٿو. انڪم ٽيڪس کان پاڪ آمدني ۽ اثاثا وصول ڪري سگهجن ٿا. ٽرسٽ کي واپاري مقصد جي لاءِ به استعمال ڪري سگهجي ٿو ۽ ان جي اثاثن کي نسل در نسل منتقل به ڪري سگهجي ٿو. ٽرسٽ جا اثاثا حڪومت وٽ رجسٽر ٿيل نه هوندا آهن ۽ ان جي عوامي رڪارڊ پيش ڪرڻ جي به ضرورت ناهي هوندي. ٽرسٽ جا معاملا مڪمل رازداري سان ٽرسٽي جي مرضي مطابق به طئي ٿي سگهن ٿا.

ان جي اُبتڙ، فائونڈيشن ڪجهه وڌيڪ قانوني ادارو هوندو آهي، جنهن ۾ فرد جي بجاءِ تنظيم اثاثن جي مالڪ هوندي آهي. فائونڈيشن کي واپاري مقصدن لاءِ استعمال نٿو ڪري سگهجي، وارث مقرر نٿو ٿي سگهي ۽ ان جو عوامي رڪارڊ هجڻ گهرجي. فائونڈيشن هڪ وڌيڪ قانوني ادارو هوندو آهي جڏهن ته ٽرسٽ کي عوامي ٻومڙن ۾ رکڻ لاءِ في الحال کو تفصيلي قانون موجود نه آهي. ٽرسٽ جي قانونن کي جاچي واڻي مبهم رکيو ويو آهي ته جيئن اشرافيا ان جي ذريعي ٽيڪس به بچائي سگهي، واپار به ڪري ۽ ان ذريعي عوامي سطح تي نيڪ نامي به ڪمائي سگهي. عام ماڻهو رڳو فلاحي ويلفيئر آرگنائيزيشن، ٽرسٽ، ۽ فائونڈيشن جو نالو ٻڌندو هوندو آهي، ان جي قانوني فرق جي خبر ناهي هوندي، هو اهڙن سينې ادارن جي عزت ڪندو آهي، جڏهن ته عام جڳ جهان جو ماڻهو ان فرق کان واقف هوندو آهي ۽ ان کي استعمال ڪندو آهي. يعني "ٽرسٽ" جي نالي تي عوامي ٽرسٽ (اعتماد) حاصل ڪيو ويندو آهي، پر ممڪن آهي ته عوام جي ٽرسٽ جي نالي تي عوامي ٽرسٽ کي ڏوڪو ڏنو پيو وڃي.

هاڻي اچون ٿا "القادر ٽرسٽ" ڏانهن القادر ٽرسٽ جي ڪي سمجهڻ لاءِ ٻن الڳ الڳ ڪيسن کي سمجهڻ لازمي آهي، جيڪي بعد ۾ ضم ٿي هڪ ئي وجن ٿا.

پهرين ڪيس: ملير ڊولپمينٽ اٿارٽي

ڪراچي جي وڌندڙ آبادي ۽ ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ، سنڌ حڪومت 2013 ۾ ڪراچي جي ملير ضلعي سان لڳندڙ هڪ نئون شهر قائم ڪرڻ جو اعلان ڪيو ۽ ان لاءِ ڪراچي- حيدرآباد سپرهاءِ وي تي 17617 ايڪڙ زمين مختص ڪئي. ان لاءِ "ملير ڊولپمينٽ اٿارٽي" نالي هڪ اداروقائم ڪيو ويو. فارم تي پلاٽ جي ڪٿي ڪيڏ جي لاءِ في ماڻهو کان 15000 رپيا ورتا ويا. بعد ۾ جڏهن ملڪ رياض کي اتي بحريا ٽائون قائم ڪرڻ جو خيال آيو ته سنڌ حڪومت جي ملي پڇ ڳاڇ سان ملير ڊولپمينٽ اٿارٽي جي زمين غير قانوني طور بحريا ٽائون کي الاٽ ڪئي وئي. ملڪ رياض بلوچستان ۽ ٻئي جي ويران ايرياز ۾ خريد ڪيل سستي زمين جي متاستا ڪراچي-حيدرآباد سپرهاءِ وي تي ادارن جي ملي پڇ ڳاڇ سان ڪرائي ورتي ۽ بحريا ٽائون وڏندي وڏيندي 30 هزار ايڪڙ کان وڌيڪ ايراضيءَ تي پکڙجي ويو. 2018ع ۾ هر چيف جسٽس ثاقب نثار جي آڏو هو ڪيس پيش ٿيو چيف جسٽس انهن زمينن جي متاستا تي ريمارڪس ڏنا "چاندنيءَ جي بدلي ۾ سون خريد ڪيو ويو" بحريا ٽائون ۾ جيئن ته آبادي به ٿي چڪي هئي، پر زمينن جي الاٽمينٽ ۽ متا سٽا جا ڪم غير قانوني هئا. ان ڪري عدالت ان جو حل هي پيش ڪيو ته قومي خزاني کي جيڪو نقصان پهچايو ويو آهي، ملڪ رياض ان کي پورو ڪري. ملڪ رياض فيصلي ٿيڻ بعد 460 ارب روپيا قسطن ۾ ادا ڪرڻ جو اقرار ڪيو. ان جي وصولي لاءِ سپريم ڪورٽ جي تحت هڪ اڪائونٽ قائم ڪيو ويو ۽ فيصلو ٿيو ته ملڪ رياض 460 ارب روپين جون قسطون ان اڪائونٽ ۾ جمع ڪرائيندو ۽ اتان اها رقم قومي خزاني ۾ منتقل ٿيندي رهندي. ملڪ رياض ايترا ٽائين اهي قسطون جمع ڪرائي رهيو آهي. . هي پهرين ڪيس آهي.

ٻيو ڪيس: لنڊن مني لانڊرنگ ڪيس:

ٻيو ڪيس پاڪستان کان ٻاهر برطانيا ۾ آهي. 2019 جي شروعات ۾ ملڪ رياض کي برطانيه جي نيشنل ڪرائر ايجنسي (اين سي اي) پاران مني لانڊرنگ جي الزام جي ڇاڻ ۾ شامل ڪيو. ته ملڪ رياض غير قانوني طور تي پاڪستان مان مني لانڊرنگ ڪئي ۽ وڏي رقم برطانيه منتقل ڪئي. ملڪ رياض (اين سي اي) سان به معاهدو ڪيو ۽ 190 ملين پائونڊ (اٽڪل 60 ارب روپيا) لنڊن ۾ (اين سي اي) وٽ جمع ڪرايا. اين سي اي، موجب اها رقم جئين ته پاڪستان کان مني لانڊرنگ جي ذريعي برطانيا منتقل ٿي هئي ۽ اها رقم پاڪستان جي رياست جي ملڪيت هئي ان ڪري رقم پاڪستان منتقل ڪئي وئي. هي ٻيو ڪيس آهي.

هاڻي اچو ته ڏسو ته اهي ٻئي ڪيس ڪيئن ڳنڍيل آهن. لنڊن مان رقم جي پاڪستان منتقلي ۽ وفاقي ڪابينا جو اجلاس: 22 نومبر 2019 تي لنڊن جي ويسٽ منسٽر مئجسٽريٽ ڪورٽ، ملڪ رياض کان وصول ڪيل رقم پاڪستان منتقل ڪرڻ جو اعلان ڪيو ان کان اڳ سيپٽمبر 2019 ۾ شهزاد اڪبر جي، ڊورچيسٽر هوٽل ۾ ملڪ رياض سان ملاقات ٿي هئي. بعد ۾ ملڪ رياض جي ڌيءَ جي شادي ٿي به برطانيا ۾ ملڪ رياض سان ملاقات ڪئي. شهزاد اڪبر ٽي، اين سي اي، کي چيو هو ته اهي، ملڪ رياض سان عدالت کان ٻاهر ٽي ڪو ناهه ڪري سگهن ٿا، ان سبب ملڪ رياض برطانيا ۾ سزا کان بچي ويو ۽ رقم ڏيڻ سزا کان جان آجي ڪري ورتي.

رقم جي پاڪستان منتقلي ڪانپو 3 ڊسمبر 2019ع تي 21 رڪني وفاقي ڪابينا جو اجلاس عمران خان جي صدارت هيٺ ٿيو جنهن ۾ شيرين مزاري، مراد سعيد، شيخ رشيد، پرويز خٽڪ، شفقت محمود، زلفي بخاري ۽ شهزاد اڪبر سميت ٻيا وزير موجود هئا. شهزاد اڪبر ايجنڈا جي آئٽم نمبر 2 تحت سيل بند لفافو پيش ڪيو ۽ ڪابينا کي ان کي کولڻ ڪانسوءِ منظوري ڏيڻ جو چيو

اخبار جي رپورٽ موجب:

اسلام آباد ۾ جاري ڪابينا جي اجلاس دوران ڪجهه غير معمولي واقعو ٿيو وزيراعظم جي احتساب بابت خاص مددگار شهزاد اڪبر کي ايجنڈا کان "هٽي ڪري" ٻيو معاملو پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني وئي. هن وٽ هڪ مهربند لفافو هو، هن چيو ته هن ۾ هڪ غيراعلانيه معاهدو موجود آهي. اهو معاهدو ڪروڙين پائونڊن فيصلي بابت هو جيڪو برطانوي اداري نيشنل ڪرائم ايجنسي (اين سي اي) نازوئي ملڪ رياض سان ڪيو هو

اجلاس سلسلي ۾ موجود هڪ ذريعي موجب، "(انساني حقن واري وزير) شيرين مزاري اعتراض ڪندي چيو ته "جڏهن اسان کي اها خبر ئي ناهي ته ان ۾ ڇا لکيل آهي ته پوءِ اسان ڪهڙي ڳالهه جي منظوري ڏئي رهيا آهيون؟ اسان کي ٻڌايو ويو ته جيڪڏهن ان کي ڪوليو ويو ته ان جا قومي سلامتي تي اثر پٽجي سگهن ٿا ۽ برطانوي حڪومت کي به خدشا هئا.

بهرحال، اکيون پوري ان معاهدي جي منظوري ڏني وئي ۽ بعد ۾ ڪابينا سيڪريٽري کي چيو ويو ته هن ڪاروڪي قومي سلامتي ۽ مفادن جي تحفظ جي لاءِ ان کي ڳجهو رکي.

ان معاهدي موجب 60 ارب جي رقم جيڪا پاڪستان جي قومي خزاني ۾ منتقل ٿيڻي هئي اها سپريم ڪورٽ جي اڪائونٽ ۾ جمع ڪرائي وئي آهي. جنهن ۾ ملڪ رياض بحريا ٽائون ڪراچي جي ڪريشن جي سلسلي ۾ قسطون جمع ڪرائي رهيو هو يعني ته برطانيا جيڪا رقم ملڪ رياض کان ضبط ڪئي هئي، اها ئي رقم ملڪ رياض جي ملڪيت ۾ واپس ڪري، ان سان ملڪ رياض جو ٿيل قرض لاهڻ ۾ استعمال ڪئي وئي. اهو قومي راز هو، جنهن جي منظوري انتهائي رازدارانه انداز سان ورتي وئي. ملڪ رياض جي رقم ڪابينا جي ذريعي ملڪ رياض کي ئي واپس ڪئي وئي. جيڪا رقم قومي خزاني ۾ اچڻي هئي اها ملڪ رياض جي قرض جي ادائيگي لاءِ ڪم ۾ آئي.

القادر ٽرسٽ جو قيام ۽ القادر يونيورسٽي: پاڪستان جو هڪ ادارو "چيئرٽي ڪميشن گورنمينٽ آف پاڪستان" آهي، جنهن تحت سموراخيراتي ادارا، فلاحي تنظيمون، فائونڈيشن، ٽرسٽ وغيره رجسٽرڊ ٿيندا آهن. 26 ڊسمبر 2019 تي (ڪابينا جي اجلاس جي ٽن هفتن بعد) چيئرٽي ڪميشن جي سب رجسٽرار آفيس ۾ "القادر ٽرسٽ" جي ٽرسٽ ڊيڊ جمع ڪرائي وئي. ان جا ٽرسٽي عمران خان، بشرا بي بي، بابر اعوان ۽ زلفي بخاري هئا.

22 اپريل 2020 تي رجسترار آفيس ۾ هڪ ليٽر پهتو ته ٽرسٽين مان بابر اعوان ۽ زلفي بخاري کي ڊراپ ڪيو ويو آهي ۽ هاڻي رڳو عمران خان ۽ بشرا بي بي ٽرسٽي طور ڪم ڪندا.

ڪجهه عرصي کان پوءِ بحريا ٽائون جي طرفان موضع هرڪالا تحصيل سوهاوه ضلعي جهلم ۾ 458 ڪنال 4 مرلا 58 چورس فوٽ زمين، جنهن جي مالڪيت اٽڪل 93 ڪروڙ روپيا ظاهر ڪئي وئي، اها القادر ٽرسٽ کي منتقل ڪئي وئي. جڏهن ته ان جي اصل قيمت اٽڪل 9 ارب روپيا ٻڌائجي رهي هئي. . پوءِ القادر ٽرسٽ، القادر يونيورسٽي لاءِ ونڊر ٻڌجي وئي ۽ ان يونيورسٽي کي القادر ٽرسٽ جي انتظام هيٺ هڪ خانگي يونيورسٽي طور رجسٽريشن ڪرائي وئي. پاڪستان جي وزيراعظم جي حيثيت ۾ عمران خان هن خانگي يونيورسٽي (يعني پنهنجي ٿي يونيورسٽي) جي تعمير جو افتتاح ڪيو يونيورسٽي به ڪافي گڏ ٿيو يونيورسٽي جو ڪافي حصو تيزي سان تعمير ٿي ويو هاڻي ان يونيورسٽي جي هڪ سيمسٽر جي فيس هڪ لک به هزار رپيا آهي. داخلا فيس ويهه هزار ۽ سيڪيورٽي فيس ڏهه هزار آهي. تصوف ۽ شيخ عبدالقادر جيلاني رحمت الله عليه جي نالي تي هڪ سپني ڪان مهانگي يونيورسٽي قائم ڪئي وئي آهي.

(ان ڪانسوءِ حڪومت جي دعويٰ آهي ته بني گالا ۾ عمران خان جي رهائش پرسان ملڪ رياض زمين جو هڪ ٻيو ٽڪرو ٽرسٽ جي نالي منتقل ڪيو ۽ ٽرسٽ ان ته ي به القادر يونيورسٽي جي نالي سان محدود اڌاوت ڪئي آهي. ان کان علاوه ملڪ رياض بني گالا ۾ 240 ڪنال زمين فرح گوگي جي نالي منتقل ڪئي هئي، جيڪا بقول حڪومت، بشرا بي بي جي فرنٽ وومين آهي. يعني ته لڳ ڀڳ 60 ارب جي سهولت جي بدلي ۾ 10 ارب رپين جا اثاثا حاصل ڪيا ويا).

نيب جو ڪيس:

نيب ڪيس جو نتيجو اهو آهي ته القادر ٽرسٽ ڪي منتقل ڪيل زمين دراصل ملڪ رياض جي رشوت آهي، جنهن جي بدلي ۾ ڪيس 60 ارب رپين جو فائدو ڏنو ويو هاڻي نيب ڪي رڳو اهو ثابت ڪرڻ آهي ته ملڪ رياض کي ڪابينا ۾ ڳجهي طريقي سان مالي فائدو پهچائڻ، قومي خزاني کي نقصان پهچائڻ ۽ بحريا ٽائون کان القادر ٽرسٽ کي زمين جي منتقلي رشوت ثابت ڪرڻ آهي. هاڻي نيب جو ڪم آهي ته ان ڪيس جا ثبوت ڳولي ڪڍي. ان تعلق کي ثابت ڪرڻ ناممڪن ناهي، پر قانوني طور تي اهو مشڪل ضرور آهي.

القادر ٽرسٽ: عوامي ٽرسٽ جو خون:

نيب اها رشوت ثابت ڪري سگهي يا نه ڪري سگهي، پر غير جذباتي غوروويچار ڪندڙن موجب عمران خان صاحب القادر ٽرسٽ جي نالي تي عوامي ٽرسٽ جو خون ضرور ڪيو آهي. هن ڪيس ۾ ڪيترائي سوال اٿاريا آهن:

1_ .. .عمران خان کي ملڪ رياض سان ايتري همدردي ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي؟ ملڪ رياض جهڙي پراپرٽي ٽائيڪون کي آخر ايترو رليف ڇو ڏنوويو؟ ڇا ٻين ڪيٽ ماڻهن وانگر هن جو جواب به قومي مفاد ئي هوندو؟

2_ ... .ڪابينا جي اڪيون ۾ ڏوڙ وجهي زبردستي رازدارائي انداز ۾ حساس معاملو قرار ڏئي ڪري ان فيصلي کي مهر بند ڇو ڪيو ويو؟

3_ ...قومي خزاني کي 60 ارب جي نقصان پهچائڻ جو ذميوار ڪنهن کي قرار ڏنو ويندو؟

4_ ... .ڪابينا کان خفيا منظوري ڪابينه صرف ٽن هفتن بعد القادر ٽرسٽ ڇو رجسٽر ٿي؟ ان کان اڳ ۾ رجسٽر ڇو نه ٿي؟

5_ فائونڈيشن بدران ٽرسٽ ڇو رجسٽر ڪرائي وئي؟

6_ .ملڪ رياض کان ئي اها قيمتي زمين ٽرسٽ جي لاءِ ڇو حاصل ڪئي وئي؟ ۽ منتقلي ۾ قيمت بابت ڪرڙ ڇو ڳالهايو ويو؟

7_ ٽرسٽي جي طور تي رڳو عمران خان ۽ سندس بيگم کي ڇو رکيو ويو؟ ٻين کي ڇو فارغ ڪيو ويو؟ جيڪڏهن اهو هڪ سوچيل پلان نه هو ته ڇا؟

8_ خيراتي يونيورسٽي جي فيس ايتر گهٽي ڇو رکي وئي آهي ۽ ان جو مالي فائدو ڪنهن کي ملي رهيو آهي؟

مطلب ته سوال ئي سوال آهن. عوامي ٽرسٽ جو خون ڪيو ويو آهي. قانوني پيچيدگيون ان کي عدالت ۾ ثابت ڪري سگهن يا نه ڪري سگهن، پر هر قدم تي اهو معاملو مشڪوڪ بلڪ صفا چٽو پٽو پڌرو آهي. پنهنجي ليڊر جي محبت ۾ انڌو ٿي اعتبار ڪندڙ ڪارڪنن کان علاوه هر سوجهه رکندڙ شخص خان صاحب جي ان عمل ۽ ٽوشه خانه جي عمل کي نظرانداز ڪري ڪلين چٽ نٿو ڏئي سگهي. عوامي مقبوليت هر مسئلي کي ڪُهڻي وقت تائين ڏکي نڪي سگهي. جينوئيڪ پي ڊي ايم حڪومت جي ڪريشن ۽ ڊيوالپٽي جي ڪري جيڪڏهن خانصاحب صاف سٿرو ۽ پاڪ لڳي ٿو، پر هو ايترو به ڪير ۾ ڏوٻل ناهي جيترو هو نظر آڇي ٿو. اسان کي خان صاحب سان نه محبت آهي نه ئي وري نفرت. ميرٽ جي ڪاڇه آهي ۽ ميرٽ تي فيصلو ڪرڻ حق ۽ حقيقت آهي.

ملڪ پاڪستان جو هر شهري ڄاڻي ٿو ته جنهن شخص جو ملڪ رياض سان لاڳاپو هجي، اهو ڪڏهن به ڪريشن ڪان پاڪ ٿئي سگهي. جج، جنرل، سياستدان کان وئي سرمائيدار تائين، ملڪ رياض ڪنهن کي به ڪريٽ ڪرڻ سواءِ نه ڇڏيو. ڪابينا مان ڳجهي منظوري، قومي خزاني کي نقصان، زمينن جي منتقلي ۽ القادر ٽرسٽ جي نالي تي عوامي اعتماد جو خون ڪيو ويو.

****

صوفِيءَ سيرُ سيِن ۾، جئن رڳن ۾ ساه:
سا نه ڪري ڳالهڙي، جئن پويون پروڙي پساه:
آهِس اِيُ گناه، جي ڪا ڪَري پَڌري

ملڪي سياست: ڪجهه اڻپيرايون

يامين جتوئي

ٿلهي ليڪي ملڪ جي سياسي منظرنامي ۾ جيڪي نيون اڻپيرايون ٿيون آهن، اهي ڪجهه هن ريت آهن ته ملڪ جي "قومي سلامتي" ڪميٽي جي اجلاس ۾ 9 مئي تي "فوجي ۽ نجي ملڪيتن" کي نقصان پهچائيندڙن خلاف ڪارروائي جو فيصلو ڪيو ويو آهي. ان کان هڪ ڏينهن اڳ "قومي" اسيمبلي جي اجلاس ۾ چيف جسٽس سميت سپريم ڪورٽ جي ججن جي خلاف ريفرنس داخل ڪرڻ لاءِ پارلياماني ڪميٽي جوڙڻ جي رٽ منظور ڪئي وئي آهي ڪميٽي سپريم ڪورٽ جي ججن جي روين جو جائزو وٺڻ کان پوءِ ريفرنس تيار ڪري سپريم جڊيشل ڪائونسل ۾ داخل ڪندي. رٽ ۾ چيو ويو آهي ته ڪميٽي چيف جسٽس ڪانسوا هين ججن جي مس ڪنڊڪٽ تي به ريفرنس آڻڻ جو جائزو وٺندي.

جڏهن ته پي ڊي ايم وري چيف جسٽس خلاف سپريم ڪورٽ آڏو ڏرٽو هٽڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي آهي. ڏرٽي ڪي خطاب ۾ پي ڊي ايم سربراهه مولانا فضل الرحمان چيو ته هاڻي ملڪ جو هر فيصلو عوام ڪندي عدالتي وقار جي لا ڪجهه ججن ڪي قربان ڪيووجي ته ڪو فرق نٿو پوي. مولانا فضل الرحمان چيو ته "ملڪ جو ڪو به فيصلو هاڻي سامهون واري عمارت ۾ نه ٿيندو، اسان پاڪستان جي عدليا جو وقار بحال ڪرڻ چاهيون ٿا، اڄوڪي تاريخي ميڙاڪي ٻڌائي ڇڏيو ته فيصلو عوام ڪي ڪرڻو آهي. پنجاب ۽ خيبر پختونخوا اسيمبليون نه ٽوڙيون وڃن ها ته اڄ بحران نه هجي ها. جانبدار جج پنهنجي حيثيت کي مجروح ڪري چڪو آهي، معزز ڪرسين تي ويهندڙن ڪي پارليامينٽ ۽ عوام جي تذليل جي اجازت نٿي ڏئي سگهجي. سياستدان جي تذليل ٽيندي ته پر تنهنجي هٿوڑي کان اسان جو هٿوڙو ڳرو آهي، اسان کي اها هٿوڙا گردي نامنظور آهي ۽ نه ئي اسان ان کي ڪنهن طريقي سان تسليم ڪنداسين. سمورا ادارا پنهنجي دائري اندر رهي پنهنجون ڏميواريون انجام ڏين. پاڪستان جي انتظاميا پارليامينٽ ۽ وزيراعظم جي هٿ ۾ آهي، اوهان کي جيڪڏهن سياست ڪرڻي آهي ته هن بلڊنگ کان باهر اچ ۽ ميدان ۾ ويهه."

مريم نواز چيو ته پاڪستان جي تباهي به ججن جي فيصلن سان ٿي آهي، سپريم ڪورٽ کي داغدار ايمانداري نه پر عمران داري ڪيو آهي، جيستائين عمر عطا بندياال ملڪ جو سپ ڪان اعليٰ جج رهندو، آزاد ۽ شفاف چونڊون ممڪن ناهن، موجوده بحران جي ذميوار چيف جسٽس کي استعيفيٰ ڏيڻ گهرجي. اڄ عمران خان جي سهولتڪاري ڪندڙن جي ڳالهه ٽيندي، قانون سازي پارليامينٽ جي ذميواري آهي، ان کي روڪڻ توهان جي ذميواري ناهي. اسان سپريم ڪورٽ ۽ آئين جو احترام ڪندڙ ماڻهو آهيون، ان عمارت کي ايمانداري نه عمران داري داغدار ڪيو اسان هن جاءِ تي احتجاج ڪرڻ نه پٽي چاهيو. هن عمارت سان جمهوريت مضبوط ڪرڻ گهرجي. عمران خان کي انجام تي پهچائڻ هن عمارت جي ذميواري هئي، 60 ارب رپين جو ملزم جڏهن عدالت ۾ پيش ٿيو ته ڪيس چيو ويو توهان کي ڏسي خوشي ٿي، هي نظريا ضرورت آهي، جنهن ملڪ کي تباهه ڪيو هن ملڪ ۾ 4 پيرا جمهوريت تي راتاهو هنيو ويو. ڇا عدالت ڪنهن آمر کي گهر موڪليو؟ اسان اقليتي فيصلي کي نٿا مڃون، چيف جسٽس صاحب! عوام جو سمند ڏسي توهان کي خوشي ٿي يا نه؟ اسيمبليون ٽوڙڻ ۾ عمران خان ۽ پرويز الاهي نه عارف علوي به ملوٽ هو. فتني ۽ ڏڪيڙ پکيڙيندڙن کي انجام ٽائين پهچائڻ جي ذميواري عدليا جي هئي. پاڪستان جي ترقي ۽ تباهي هن اداري مان ڦٽي ٿي. جڏهن جج ايمانداري سان فيصلا ڪندا ته ملڪ ترقي ڪندو ۽ جيڪڏهن جانبداري ٿي ته پو تباهه ٿي ويندو.

جڏهن ته پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس کي خطاب ڪندي بلاول ڀٽو زرداري عدليا تي عمران خان جي سهولتڪاري جو الزام مڙهيندي چيو آهي ته جيڪي پنهنجي اداري ۾ ون مين شو هلائي رهيا آهن اهوئي سڄي ملڪ ۾ ون مين شو لاڳو ڪرڻ چاهن ٿا. بلاول ڀٽو چيو ته جڏهن اسان هتي بي اعتمادي رٽ ڪٿي آياسين ته آرٽيڪل 5 جو ٻهانو استعمال ڪري انهن آئين ٽوڙيو، تڏهن ڪجهه به نه ڪيو ويو، نه اسان ڪجهه ڪيو ۽ نه اسان جي عدالتن ڪيو. پنجاب جو سوال اڇي ٽوٽ رات وچ ۾ فيصلو ڪن ٿا ته 90 ڏينهن ۾ چونڊون ڪرايون جڏهن اتي بي اعتمادي جو سوال هو ته هڪ مهيني کان پيشيون پوڳهي رهيا آهيون ته جيئن بي اعتمادي جو حق ڪسيو ويجي. هن چيو ته ان وقت به عمران خان ۽ سندس سهولتڪارن جي ڪوشش هئي ته ڪنهن طرح اسيمبلي ٽوڙي ۽ فوري طور تي چونڊون ڪرايون وجن جيستائين سندس سهولتڪار ادارن ۾ موجود هجن.

بقايا 01
***

ڪي هڪ هفتي کان جيل ۾ قيد ڪيو ويو آهي. عدالتي حڪمن جي باوجود صحافي عمران رياض خان کي عدالت ۾ پيش نه ڪيو ويو. مان پنهنجي ڪارڪنن ۽ اڳواڻن جي غيرقانوني گرفتارين ۽ اغوا جي ڪارروائين جي مذمت ڪريان ٿو عمران خان چيو ته شهريار آفريدي جي گهرواري جي جيل اماڻيو ويو؟ اڳوڻي انساني حقن واري وزير شيرين مزاري جي علاج ۽ سندس ڏيءَ کي مرد پوليس اهلڪارن طرفان هٿ ٻڌي مان تمام گهٽو پريشان آهيان. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جيل اماڻيو انداڻن اغوا ڪري سيڪريٽريٽ ٽائي آندو ويو جتي ڊاڪٽر مزاري جون رڙيون ٻڌيون ويون. عمران خان چيو ته اسان جي عورتن ۽ حامين سان ٽينڈرٽ وحشيائي سلوڪ جون ويڊيوز ثبوت طور سامهون آڻڻ مذمت جوگيون آهن. اسان جي ڪيترين ئي عورت ايم اين اين، حامين ۽ ڪارڪنن کي سجي ملڪ جي جيلن ۾ غير انساني حالتن ۾ رکيو ويو آهي ۽ اهي پوليس زيادتين جو شڪار آهن. تحريڪ انصاف چيئرمين وڌيڪ چيو ته هن فاشسٽ حڪومت طرفان عورتن سان جيڪو سلوڪ ڪيو پيو وڃي اهو سپ ڪجهه انساني حقن جي سنگين پڇاڪڙي آهي. اڳوڻي وزيراعظم مطالبو ڪندي چيو ته اسان جي سموريون عورت اڳواڻن، ڪارڪنن ۽ انهن جي گهر پاتين کي فوري طور تي آزاد ڪيو وڃي ڇوته انهن جي قيد برداشت ڪرڻ جوڳي نه آهي. عالمي انساني حقن جون تنظيمون به اهڙن واقعن کي روڪڻ لاءِ فوري طور تي قدم کڻن.

بقايا 02
***

نواز ڳرنتار ڪيو ويو پر ڪنهن به پارٽي جي ڪارڪن يا اڳواڻ ڪڍن به اڻين نه سوچيو ۽ نه ئي وري ڪيس عمران خان سان 2 سال اڳ دوستي ختم ٿي وئي هئي. عمران خان جي پراڻي ساٿي ۽ سينئر سياستدان جهانگير خان ترين به لاهور ۾ جناح هائوس جو دورو ڪيو. ان موقعي تي وزيراعظم جو هٿ ٻڌڻ ۽ سياسي ڏريون قبول ڪونه ڪندين. ان کان به اهم ڳالهه اها آهي ته آدمشماري ڪنهن سياسي پارٽيءَ جي چرچ تي نه پر هڪ سنجيده معاملو سمجهي ڪرڻ گهرجي ته جيئن ماڻهن جي اصل انگ جي خبر پئجي سگهي ۽ ان جي آڌار نتيجن کي سيڙي ڏريون بنا ڪنهن اعتراض جي قبول به ڪن.

بقايا 03
***

لاءِ شهيدن جي قربانين کي خراج تحسين پيش ڪيو ان موقعي تي آرمي چيف چيو ته شهيدن جي ياد گار جي به جرمتي ڪرڻ جي ڪنهن کي به اجازت نه ڏني ويندي. شهيد هٿياربند فوج، قانون لاڳو ڪندڙ ادارن، سرڪاري آفيسرن ۽ پاڪستان جي عوام لاءِ فخر جو باعث آهن. هن چيو ته منصوبابندي جي ڪري تازو آفسوسناڪ واقعو پيهر ٽيئن نه ڏنو ويندو. شهيدن جو پاڪستاني عوام جي دلين ۾ هميشہ وڏو مقام هوندو. شهيد پاڪستاني فوج لاءِ فخر جو باعث آهن. آرمي چيف چيو ته 9 مئي جي اونداهي ڏينهن قوم کي شرمسار ڪرڻ جي ڏمياورن کي انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آڻيو ويندو هن چيو ته پاڪستان ۽ هٿياربند فوج هميشہ سمورن شهيدن ۽ انهن جي خاندانن کي اوليت ڏني آهي، شهيدن جي عظيم قربانين کي هميشہ عزت ۽ وقار جي نگاهه سان ڏٺو ويندو. ڪجهه سٿو ماڻهو ڪجهه ڪلاڪن جي ڪهراءَ کان پوءِ خوار ٿي واپس هليا ويا. 15 جون کان اڳ فيصلا اچي ويندا. آئين ۽ قانون جي سپوٽ ڪيندي. عدليه جي سپوٽ ڪيندي. پاڪستان جي عوام ڪنديءِ، حق ۽ سچ جي سپوٽ ڪيندي. اڳوڻي ڪمرو وزير وڏيڪ چيو ته جيل منهنجي ساهرون جو گهر آهي، منهنجو بستر تيار آهي. 190 ملين پائونڊ ۾ شريڪ ڪرڻ تي نيب جو ڏوراٽنو آهيان.

بقايا 04
***

ته ٽينڈوهن چيو ته 3 هز

بقايا سنڌيار 01

پريس ڪلب پهچي احتجاجي مظاهرو ڪندي چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ ۽ وسوارن کان گهر ڪئي آهي ته اسان تان ڪوڙا ڪيس ختم ڪرائي ٻڌئي جو حساب ۽ ونڊي ڏيارو وڃي، هنن چيو آهي ته اسين زميندار عبدالله ميمڻ وٽ گذريل ٽن سال کان هاريو ڪندا پيا اچون، جنهن ۾ ٽماٽا، سرنهن، ڦٽي جنتر ۽ ڪٽڪ جا فصل پوکيل هئا، جن جو هو ڪو به حساب ڪتاب نٿو ڪري. هن دفعي به 25 سئو شاپر ٽماٽا ۽ 280 مڻ ڪٽڪ 70 مڻ جنتر ۽ 30 مڻ توريو ٻٽئي ڪري ڪٽائي وڃي پنهنجي اوطاق تي رکائي ڇڏيا اٿس، جنهن ڪانپوءِ آخري ڪٽڪ جي ٻٽئي جيڪا ٽماٽن سان گڏ پوکيل هئي ڪرڻ لاءِ رات جو پنهنجا هٿيار بندن ماٺهو وٺي ڪٽائي ويو آهي. هنن چيو ته اسان پاران سيشن ڪورٽ ۾ ڏنل درخواست تان هٽ ڪٽڻ گهر ساڙڻ ۽ ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائيڻ جون ڏمڪيون ڏيئي رهيو آهي. هنن سنڌ هاءِ ڪورٽ ۽ وسوارن کي سائٽن انصاف ڪرڻ ۽ هاريءِ جو حصو ڏيارڻ جي اپيل ڪئي آهي.

بقايا سنڌيار 02

ڪلب پريارود پهچي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته پاڪ فوج تي حملا ناقابل برداشت آهن سياسي پارٽين ۽ اختلاف راءِ ۽ احتجاج جو جمهوري حق آهي پر احتجاجن جي آڙ ۾ پاڪستان جي ادارن تي حملا ڪرڻ انهن خلاف غلط لفظ استعمال ڪرڻ ملڪ ۾ انتشار ڦهلائڻ دهشت گردي آهي علماء ڪرام ۽ پاڪستان جا محب وطن عوام ان صورت کي ڪڏهن به برداشت نه ڪندي علماء ڪرام جو وڌيڪ ڇوٽ هو ته ميڊيا ذريعي تمام سياسي پارٽين ۽ ذميوارن کي گذارش آهي ته ملڪ جي اوطاق تي رکائي ڇڏيا اٿس، جنهن ڪانپوءَ آخري ڪٽڪ جي ٻٽئي جيڪا ٽماٽن سان گڏ پوکيل هئي ڪرڻ لاءِ رات جو پنهنجا هٿيار بندن ماٺهو وٺي ڪٽائي ويو آهي. هنن چيو ته اسان پاران سيشن ڪورٽ ۾ ڏنل درخواست تان هٽ ڪٽڻ گهر ساڙڻ ۽ ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائيڻ جون ڏمڪيون ڏيئي رهيو آهي. هنن سنڌ هاءِ ڪورٽ ۽ وسوارن کي سائٽن انصاف ڪرڻ ۽ هاريءِ جو حصو ڏيارڻ جي اپيل ڪئي آهي.

بقايا سنڌيار 02

ڪلب پريارود پهچي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته پاڪ فوج تي حملا ناقابل برداشت آهن سياسي پارٽين ۽ احتلاف راءِ ۽ احتجاج جو جمهوري حق آهي پر احتجاجن جي آڙ ۾ پاڪستان جي ادارن تي حملا ڪرڻ انهن خلاف غلط لفظ استعمال ڪرڻ ملڪ ۾ انتشار ڦهلائڻ دهشت گردي آهي علماء ڪرام ۽ پاڪستان جا محب وطن عوام ان صورت کي ڪڏهن به برداشت نه ڪندي علماء ڪرام جو وڌيڪ ڇوٽ هو ته ميڊيا ذريعي تمام سياسي پارٽين ۽ ذميوارن کي گذارش آهي ته ملڪ جي اوطاق تي رکائي ڇڏيا اٿس، جنهن ڪانپوءَ آخري ڪٽڪ جي ٻٽئي جيڪا ٽماٽن سان گڏ پوکيل هئي ڪرڻ لاءِ رات جو پنهنجا هٿيار بندن ماٺهو وٺي ڪٽائي ويو آهي. هنن چيو ته اسان پاران سيشن ڪورٽ ۾ ڏنل درخواست تان هٽ ڪٽڻ گهر ساڙڻ ۽ ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائيڻ جون ڏمڪيون ڏيئي رهيو آهي. هنن سنڌ هاءِ ڪورٽ ۽ وسوارن کي سائٽن انصاف ڪرڻ ۽ هاريءِ جو حصو ڏيارڻ جي اپيل ڪئي آهي.

بقايا سنڌيار 03

جتي ٽائون ايڊمنسٽريٽر عبدالغفور هيجب پنهنجي عملي سميت قومي شاهراهه تان گذرندڙ مسافرن ۽ شهرين کي ٽڏو پاٽي شربت ۽ جوس پيش ڪيا انهيءَ قومي تي ميڊيا سان گهاليائيندي ٽائون ايڊمنسٽريٽر عبدالغفور هيجب چيو ته وڏندڙ گرمي کي مدنظر رکندي پي ايس 79 جي ايم پي اي سردار جام اويس بجار خان جي هدايتن تحت هيٽ اسٽروڪ ڪيمپ قائم ڪئي ويئي آهي ته جيئن عوام کي ۽ شهرين کي گرمي کان بچائي سگهجي

بقايا سنڌيار 04

جو مطالبو گذريل رات ديرسان آمري اسٽاپ جي رهواسي نوجوان امان الله لاسي کي نٽو پوليس پاران ڪنهن خلاف نوجوان جي وارثن ماءُ الهڏني، نانيءَ نوري، پيءُ دعا، مريم، نصرين، داشاد ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب نٽو اڳيان احتجاج ڪندي زوردار نعريبازي ڪئي. ان موقعي تي هنن چيو ته اسان جو نوجوان امان الله لاسي گهران سامان وٺڻ لاءِ نڪتو ته شاهجهان مسجد پرسان پوليس ڪيس ڪنهي گر ڪري چڏيو آهي، پوليس نوجوان کي ظاهر نٿي ڪري. هنن چيو ته اسان هڪ پوليس اسان جي اين سي داخل ڪري پوليس اسان جي نوجوان کي گولي ته ان کي ڪنهن ڪنيو آهي پر پوليس اسان جي اين سي ۾ داخل نٿي ڪري. هنن مطالبو ڪيو ته اسان جي نوجوان کي فوري طور تي ظاهر ڪري ڪيس آزاد ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 05

داخل ڪرائي ويئي. هوڏانهن سوشل ميڊيا تي خبر وائرل ٿيڻ بعد ايس ايس پي نٽو عديل احمد چانديو معاملي جو نوٽيس ونڊي ايس ايڇ او گهارو ممتاز بروهي کي ڪاروائي جو حڪم ڪيو جنهن بعد پوليس جوابدار کي حراست ۾ وٺي لاڪپ ڪري چڏيو گهاري ٽاٽي تي صحافي سٽ سميت گهارو پريس جو صدر مختيار لاشاري. بشام سنڌي. شيراز ميمڻ سميت ٻيا موجود هئا.

بقايا سنڌيار 06

پي پي سکر ضلعي اندر جاگيرداري وڏيرا شاهي سرداري ۽ من پسندي ڪئي پئي وڃي پوري سکر ضلعي اندر ضلعي ڪائونسل توڙي ميونسپل ڪارپوريشن جي ليبر جي مخصوص سيٽ پيپلز ليبر بيرو جي ڪنهن به عهديدار توڙي ڪارڪن کي سٽ ناهين ڏني وئي جيڪا اسان تائين جيلن جون سختيون ۽ ڪيس ڪي منهن ڏنو پر اڄ ائين ڪو نه ڪيو جيئن هنن ڪيو آهي هن چيو ته مڪاني چونڊن جي حوالي سان جيڪو فيصلو قيادت ڪيو اهو قبول ڪيو ويندو هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي هميشه عوامي خدمت واري سياست ڪئي آهي هن چيو ته اسان جو اهو مڃڻ آهي ته جنهن کي عوام جي خدمت جو جذبو آهي اهو پي ٽي آئي ۾ نه رهندو هن چيو ته عمران خان جن کي نشانو بڻايو آهي جيڪي ملڪ جي سرحدن جي حفاظت ڪندا آهن هن چيو ته هر شيءَ جو فائدو سوچڻ کان اڳ آءُ نقصان ته ٿيندو آهي مونکي جيڪڏهن ڪا ذميواري ملي تڏهن به ائين ڪر ڪندس ۽ نه ملي تڏهن به عوامي خدمت ڪندس عمران خان کي امپاٽ بچن جو لقب ڏيان ٿو هن کان فلمون ٺهرايو ، ڪيٽ واڪ ڪرايو باقي ڪيس سياست ۾ ڪيس زيرو سمجهيو وڃي پي ٽي آئي کي الوداع چوندڙ ٻنهي اڳواڻن جو اسان سان پراڻو تعلق آهي جيڪو قائم رهندو هن چيو ته سڪرٽريز پوائنٽ کان روهڙي ڊي ايس پي آفيس تائين پل ٺهرائي پئي وڃي اسان پارڪن کي اپ گريڊ ڪيو هڪ ڪميونٽي شادي هال پڻ ٺهرايون جيڪو مناسب ڪرائي تي گهٽ آمدني وارن ماڻهن کي ڏنو ويندو هن چيو ته پيپلز بس سروس کان پوءِ انٽرا سٽي بس سروس به شروع ڪئي ويندي

بقايا سنڌيار 07

سان ڪيو ويو انهيءَ موقعي تي زرعي ماهر ۽ ڪمپني جي سيلز مينيجر راشد آرائين ايريا مئنيجر خورشيد نصيب ۽ ايف او بلال پاران آبادگارن ۽ هارين کي زمين جي تياري لاءِ في ايڪڙ ٻوٽن جي تعداد پاٽي ڏيڻ جي ترتيب سان گڏ ڪاڏ خوراڪ جي مقدار بابت ڄاڻ ڏني ۽ تفصيل بيان ڪندي چيو ته هن مهنگائي جي دور ۾ هلندڙ زرعي پاڻ جي جڳ تي گهٽ خرچ سان ڪمپني پاران گهٽ قيمت وارو پاڻ ۽ بهترين قسمن جا مختلف قسمن جي فصلن جا نوان بيج بهترين پراڊڪٽ سان مارڪيٽ ۾ آندا آهن جنهن جي استعمال ڪرڻ لاءِ سندن ڊسيل طريقو اختيار ڪرڻ سان آبادگار ۽ هاري ٿوري خرچ ۾ بهتر پيداوار ۽ حاصل ڪري پنهنجي ۽ ملڪي ناٽي ۾ اضافو ڪري سگهن ٿا سيمينار ۾ راجڪمار لوهاڻو محمد صديق لغاري محمد موسيٰ لغاري ڪوڏو مل لوهاڻو عبدالعزيز لغاري نظر محمد قلڪارو نوشاد سريوال سميت وڏي تعداد ۾ آبادگارن ۽ هارين شرڪت ڪئي

بقايا سنڌيار 08

ٿا بجلي نه هجڻ ڪري سخت گرمي ۾ نه رڳو پيئڻ جي پاٽي جي ڪوٽ پئدا ٿي آهي پر برف جا ڪارخانا به بند ٿي ويا آهن شهري ۽ ڳوٺاڻا پيئڻ جي صاف پاٽي لاءِ سخت پريشان آهن. نوشهرو فيروز ۾ بجلي نه هجڻ ڪري ڪالهه امتحانن دوران شاگرد سخت پريشان رهيا صبح جو 9 وڳي ڏهين جي انگريزي ۽ 2 وڳي نائين درجي جي انگريزي پيپر ۾ شاگردن پگهر ۾ شل ٿي پيپر ڏنا ۽ ڪافي سينٽرن تي شاگرد بيهوش ٿيا. امتحاني سينٽرن تي پيئڻ جو پاٽي به نه هو.

بقايا سنڌيار 09

حسين چاچڙ سائيٽ ايريا ٽاٽي تي زنا جو ڪيس داخل ڪرايو هو ت 55 ورهين جو جوابدار مسرور اصغر خواجا گهر ۾ گهري عورت سان جنسي ڏاڍائي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اهڙي واقعي جو ڪيس حد سائيٽ ايريا ٽاٽي تي داخل هو جنهن ۾ جوابدار روپوش هو سائيٽ پوليس جي پارٽي ڪراچي ۾ موجودگي جي اطلاع تي پهچي جوابدار کي گرفتار ڪري سکر سيشن ڪورٽ عدالت ۾ پيش ڪيو عدالت جوابدار کي جيل حوالي ڪري چڏيو

بقايا سنڌيار 10

۾ هڪ ريلي شاهجهان چوڪ لڳ ٽريفڪ پوليس چوڪي اڳيان ڪڏي وئي جي ضلعي صدر ذوالفقار سانڀي جي اڳواڻي ۾ نڪرندڙ ريلي ۾ پاڪ فوج جي حمايت ۾ نعرا هنيا ويا. انهي موقعي تي انٽرنيشنل هيومن رائٽس پرائٽ فيوجر جي اڳواڻن صحافين سان گهاليائيندي چيو ته پاڪستاني قوم فوج سان گڏ آهي ۽ فوج کي بدنام ڪرڻ جي ڪا به سازش ڪڏهن به ڪامياب نه ٿي سگهندي.

بقايا سنڌيار 11

ڪٽي پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري ڏرٽو هنٽي نعريبازي ڪئي. ان موقعي تي هنن چيو ته اسان جو نوجوان امان الله لاسي گهران سامان وٺڻ لاءِ نڪتو ته شاهجهان مسجد پرسان پوليس ڪيس ڪنهي گر ڪري چڏيو آهي، پوليس نوجوان کي ظاهر نٿي ڪري. هنن چيو ته اسان جي ايڇ او ڇوي ٿو ته ماٺهو اسان ناهي ڪنيو جيڪڏهن پوليس ماٺهو ڪنيو آهي ته اسان جي اين سي داخل ڪري پوليس اسان جي نوجوان کي ڳولي ته ان کي ڪنهن ڪنيو آهي پر پوليس اسان جي اين سي ۾ داخل نٿي ڪري. هنن مطالبو ڪيو ته اسان جي نوجوان کي فوري طور تي ظاهر ڪري ڪيس آزاد ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 12

چڏيو سکر پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻ ۽ لوڪل ڪائونسل ايسوسيئيشن سيد ڪميل حيدر شاه پاران شاندار بيٽنگ جو مظاهرو ڪندي پي ٽي آئي جون به اهم وڪيٽون ڪيرائي چڏيون پي ٽي آئي روهڙي جي صدر خان محمد غوري ۽ سيڪريٽري جنرل طاهر پٽو پي ٽي آئي کي الوداع چئي پيپلز پارٽي ۾ باضابطه طور اعلان ڪيو سيد ڪميل حيدر شاه پنهنجي رهائشگاه تي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته عمران خان ۽ سندس پوئلڳن اهو ڪم ڪيو جيڪو پاڪستان جي پاڙيسري دشمن ملڪ به نه ڪيو هن چيو ته قومي ۽ عوامي ملڪيتن کي نقصان پهچايو ويو هن چيو ته پيپلز پارٽي جي اعلي قيادت کان وٺي جيالن جي وڏي نفري شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر شاهزيب شيخ چيو ته ڪٽڪ، ڪمند ۽ ڪاڌ خوراڪ ۽ ٻين کاڌي پيتي جي شين جي ذخيرو ڪندڙن خلاف ڪارروائي جاري رهندي ۽ انهن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي. س44

بقايا سنڌيار 13

داخل متاثر شهزادو پٽو سکر پريس ڪلب ۾ صحافين سان گهاليائيندي ٻڌايو آهي ته ٽي ڏينهن اڳ سندس پٽ محمد بلال پٽو ۽ عباس علي پٽو پهنجي 2022 ماڊل سي ڊي موٽر سائيڪل تي ايندي آرائين گرڊ اسٽيشن لڳ ٽي موٽر سائيڪل سوار هٿيار بندن ڪين روڪي روڪ رقم موٽر سائيڪل ۽ به موبائيل فون قر ڪرڻ بعد فرار ٿي وياڦر واقعي جي آباد ٽاٽي تي اين سي داخل ڪرائڻ باوجود پوليس قورن خلاف ڪابه ڪاروائي ناهي ڪئي هن اعلي اختيارن کان سکر ۾ وڏندڙ بد امني جونوٽيس ونندي قر ٽي ويل موٽر سائيل موبائيل فون ۽ رقم واپس ڏياري وڃي

بقايا سنڌيار 14

گهر ۾ ٽيو هو الله کي خبر آهي ته منهنجي نياٽي جو موت ڪيئن ٽيو هو ، امجد لنڊ ۽ هن جي زال جو منهنجي نياٽي سان اڪثر ڪري جهيڙو ٽيندو رهندو هو ۽ هن کي گهر مان پڻ لوڏي ڪڍيو ويو هو جيڪا لياقت جي گهر وڃي رهڻ لڳي ته سندس مڙس ارشد وڃي ڪين وئي آيو انهي ٽائيم سج لهي چڪو هو ۽ انهي ڏينهن رمضان شريف جو آخري روزو هو ۽ عيد جي رات هئي انهي رات منهنجي ڏي جي ساهرن اسان کي فون ڪري ٻڌايو ته توهان جي چوڪري فوت ٿي وئي آهي اسان جڏهن اتي پهتاسين ته منهنجي نياٽي جو لاش اتي پيو هو مون يڪدم چميڙ پوليس کي اطلاع ڏنو ته پوليس آئي ۽ لاش سول اسپتال ڪٽائي وئي جتي پوسٽ مارٽم ڪرائڻ بعد لاش واپس ڏنو ويو. اسان ايستائين صبر جو مظاهرو ڪندا اچون پر منهنجي ڏي جا سهريجا اسان سان جهيڙو ڪرڻ ٿا چاهين خاص ڪري منهنجو نائي ارشد لنڊ اسان سان هر وقت وڙهڻ لاءِ تيار آهي عباس جي گهر وارن جهيڙي جي شروعات ڪئي آهي اسان سڄي برادري کي دانهن ڏني آهي ان جي باوجود به ارشد جيڪو منهنجو نائي آهي منهنجي وڏي پاءُ يونس جيڪو هڪ ٽنگ کان معزور آهي ان کي گهر ويٽي ڏمڪيون ۽ گاريون ڏئي ويو آهي ۽ چئي ويو آهي ته توهان کي جيڪو ڪرٽو هجي ڪريو توهان جي لاءِ چارئي دوزا ڪليا پيا آهن ، اسان جڏهن ٻني تي ويندا آهيون ته ارشد جي پيئڻ جيڪا شريف جي نهن آهي سا اسان کي گارگند ڪندي آهي اسان جي اعلي عملدارن کي ۽ برادري کي گذارش آهي ته اسان سان انصاف ڪيو وڃي ۽ مرحومه جو جيڪو سامان آهي اهو پڻ واپس ڪيو وڃي هن چيو ته اسان کي شڪ آهي ته مهنجي نياٽي کي قتل ڪيو ويو آهي هن ايس ايس پي ٽنڊوالهيار سان مطالبو ڪندي چيو ته منهنجي نياٽي جي پوسٽ مارٽم رپورٽ ظاهر ڪئي وڃي ۽ هن مسئلي جي صاف شفاف جانچ ڪئي وڃي ۽ ملوث ماٺهن خلاف جانچ ڪئي وڃي ۽ اسان سان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 15

پونئرن سان برابر جا شريڪ آهيون.هي گهڙي غوثيا جماعت لاءِ تمام گهٽي ڏکائتي آهي ،

بقايا سنڌيار 16

موجب محرابپور، ڪوٽڙي ڪبير، هالاڻي، مناڻي ۽ ٻين علاقن مان نفعي لاءِ رڪيل 100 ڪلوگرام (400 ٽن) ڪڻڪ جون چار هزار هوريون فوري طور تي سرڪاري گودام ۾ منتقل ڪرڻ لاءِ ڪراچي موڪليون ويون. ضلعي فوڊ ڪنٽرولر نوشهرو فيروز، چاچي ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر جنهن ۾ پوليس ۽ اهلڪارن جي مختلف رستن تان گشت ڪري پٽائي چوڪ آڏو ڏرٽو هنيو ويو ان موقعي تي ڪارڪنن صحافي نصرالله الله ڏڻائي جي آزادي ۽ عمران نائچ جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ نعريبازي ڪئي وئي. ان موقعي تي خطاب ڪندي جسقم ضلع صدر فقير رمضان ڪلوڙ، ايڊووڪيٽ نديم ملاڻو، شاهد لغاري شهريار مرٽاس، بخت مرٽاس ۽ ٻين چيو ته حق سچ لکڻ جي ڏوهه ۾ ميرپورماٽيلو جي صحافي نصرالله ڏڻائي کي 60 ڏينهن لاءِ سنڌ سرڪار ايم پي او تحت گرفتار ڪري سينٽرل جيل حيدرآباد ۾ بند ڪري چڏيو آهي جنهن جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا. هنن چيو ته ڪراچي ۾ سنڌين جي نسل ڪشي جاري آهي ڪجهه ڏينهن اڳ ڪي ايف سي جي ڊپٽي مئنيجر عمران نائچ کي گلشن حديد ۾ قتل ڪيو ويو آهي پر هڪ هفتو گذرڻ باوجود ايجان قاتل گرفتار نه ٿي سگهيا آهن. هنن وزير اعلي سنڌ ۽ آءُ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ کان مطالبو ڪيو ته صحافي نصرالله الله ڏڻائي کي يڪدم ظاهر آزاد ڪري ڪراچي ۾ قتل ڪيل شهيد عمران نائچ جي قاتلن کي گرفتار ڪيو وڃي نه ته جسقم طرفان احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي

بقايا سنڌيار 17

۽ ڪراچيءَ پنهنجي هڪ عظيم فرزند ۽ عاشق محقق اديب ۽ تاريخدان کان محروم ٿي ويا آهن گل حسن ڪلمتي نه رڳو هڪ مسلسل تحقيق ڪندڙ محقق ۽ تاريخدان هيو پر جڏهن جڏهن سنڌ جي ڪوهستان جي حسناڪين ٻيٽن جي وڪري ۽ سنڌ ڏرتيءَ جي وحدانيت خلاف ڪا سازش يان رڃابندي ٿيندي هئي ته هي ڏرتيءَ جي ٻين غيرتمند فرزندن سان گڏجي عملي طور سراپا احتجاج بنجي ويندو هو سنڌ ڪلچرل فورم سمجهي ٿو ته گل حسن ڪلمتي جي لاڏاڻي سان سنڌ جو ناقابل تلافي نقصان ٿيو آهي پر گل حسن ڪلمتي پنهنجي ڪيل تحقيقي ۽ تاريخي پورهئي جي ڪري دنيا جي قائر رهڻ تائين زنده ۽ جاويد رهندو.

بقايا سنڌيار 18

پهنجي پڇاڻي تي پهتو سندس لکيل ڪتاب سنڌ جي تاريخ جو سرمايو آهن. هو هڪ ڪل وقتي ليکڪ هيو جيڪو گرميءَ سرديءَ جي پرواهه نه ڪندي پيرين پنڌ ڪڏهن توهان کي جبلن ۾ ملندو هو. ڪڏهن بيابان ۾ ته ڪڏهن ڪراچي شهر جي سوڙهين گهٽين ۾. سيد زين شاه جو وڌيڪ ڇوٽ هو ته سنڌ سان محبت جو سندس اهو پهلو هو جو سنڌ جي حقن لاءِ هلايل هر تحريڪ ۾ هو پهرين صف ۾ بيهل نظر ايندو هو پوءِ چاهي اهو ٻيٽن جو معاملو هجي، زمينن تي والار هجي يا ڪراچيءَ جي گوٺن جو اشو يقينن اڄ اسان سنڌ جي هڪ جاکوڙي ڪردار کان محروم ٿي ويا آهيون. اسان جي دعا آهي ته مالڪ سندس پوئيرن کي صبر عطا ڪري ۽ هي ڏک برداشت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

بقايا سنڌيار 19

پوئيرن سان تعزيت جو اظهار ڪيو آهي. پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ اڳواڻن چيو ته گل حسن ڪلمتي نه صرف ليکڪ هو پر سنڌ جو بهترين ڪاهوڙي ڪردار به هو گل حسن ڪلمتي ڪراچي ۾ سنڌين جي تاريخي حقن، ورثي ۽ سڃاڻپ لاءِ تحقيق ڪندڙ محقق، جدوجهد جي ميدان ۾ سيني کان اڳ ۽ سيني سان گڏ رهندڙ هڪ عالم هو ڪراچي جي تاريخ جو رياد حافظ ۽ سنڌ جو سڳهارو آواز هو

بقايا سنڌيار 20

منهنجي شادي کي چار سال ٿيا آهن منهنجي مڙس عامر جو دماغي توازن درست ناهي منهنجي سس مون کي چانڻ ۾ نشي آور گوريون ملايي ڏيندي هيي آيون بيهوش ٿي ويندي هيس هن الزام هٽي ٻڌايو ته منهنجو سهورو منصور عرف جورو آرايين منهنجي عزت ۾ هٽ وجهندو هو مون ايس ايس پي وٽ پڻ دانهيو هو درخواست به ڏني هيي پر ان تي ڪوبه عملدرآمد نه ٿيو هن آءُ جي سنڌ ، ڊي آيي جي حيدراباد ، ايس ايس پي ٽنڊوالهيار ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ڪئي آهي ته منهنجي سهوري خلاف ڪاروائي ڪري مون کي انصاف فراهم ڪيو وجي

بقايا سنڌيار 21

پنهنجي ڏيءَ ۽ ٻن پٽن سميت 5 ڇٽا زخمي ٿي پيا، زخمين ۾ مسمات حڪيمان، سندس ڏيءَ امينا، 2 پٽ امير ۽ غني مناهجو ۽ ٻي ڌر جو ابو مناهجو شامل آهن. جڏهن ته سمورن زخمين کي علاج لاءِ فوري طور تي سرڪاري اسپتال منتقل ڪيو ويو. جڏهن ته هڪ ڌر طرفان ٻيلو پوليس ٽاٽي تي رپورٽ داخل ڪئي وئي آهي.

بقايا سنڌيار 22

تي پاڪستان تحريڪ انصاف جي ڪائونسلر فياض عباسي چيو ته رٽائرڊ ملازم فقير محمد عباسي ۽ سڪندر علي وساڻ پنج مهينن کان پنهنجو حق گهري رهيا آهن پر ڪين انصاف نه ملڻ آهي جنهن ڪري مجبور ٿي احتجاجي ڪئمپ قائم ڪري ويٺا آهن اسان ملازمن سان ڏکي وقت ۾ همدردي طور احتجاج ۾ شامل آهيون هن وڏيڪ چيو ته ٽائون ڪميٽي راڻيپور جي هڪ ڪرڙ ست ونجاه لک هر مهيني جي بجيٽ هوندي به ملازمن جي فائيو ڪشيون ڪاٽي رهيا آهن جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته ٽي ايم او آفيس کي چور دروازو لڳل آهي احتجاجي ڪئمپ تي ويٺل سڪندر علي وساڻ ۽ فقير محمد عباسي چيو ته ٽي ايم او راڻيپور پنهنجا نوازي وارو ڪردار نيائي رهيو آهي آفيس بدران ذاتي بنگلي تي چيڪ رهيو آهي اسان ڪافي پيرا ويا آهيون پر ملڻ لاءِ تيار ناهي اگر اسان سان انصاف نه ٿيو ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا سنڌيار 23

هيد ڪوارٽر پريس ڪلب ميرپورماٽيلو کان ريلي ڪڍي شهر اڪبر شورو، حاجي واريو، سابق يوسي ناظم غلام رسول شورو، صحافي زلفي جاڪرو، نظر جوڪيو، صحافي خميسو بروهي، مشڪور پالاري، رياض ڪاڪا پالاري، مجاهد واريو ۽ ٻين پنهنجون ذميواريون ادا ڪندي چيو ته هن واري ڪئمپ تي وڏيڪ پارڙا اچڻ ڪري ڪافي پارڙا ٽهر سنت ڪان رهجي ويا آهن. جن جا ٽهر سنت ڪرڻ لاءِ ٻيهر هڪ روز مفت ٽهر سنت جي ڪئمپ 25 مئي خميس جي ڏينهن جهمپير شهر جي مري محلي ۾ لڳائي ويندي، جنهن ۾ رهجي ويل سمورن پارڙن جا ٽهر سنت ڪيا ويندا، عوام کي ان مان فائدو حاصل ڪرڻ گهرجي.

بقايا سنڌيار 28

الاهي بخش ڪوسو سميت ٻين عهدن تي سليم چانديو،الطاف ديشي ،امجد چانديو، رميز ابڙو ،جاني خانزادو، عمران سولنگي،رفيق شاٽي کي مقررڪندي ميمبر سازي ڪئي وئي ،ً ڪافي ڏرتي ڏٽين کي ميمبر شپ به ڏني وئي ان موقعي تي ڀالهائيندي عباس جتوئي ،منور ديشي ۽ ٻين چيو ته اسان پنهنجي محبوب چيئرمين صنعان خان قريشي جي قيادت ۾ متحد آهيون ۽ هو شهيد سنڌوديش محترم بشيرخان قريشي جو فرزند آهي قريشي خاندان پنهنجي قوم ۽ پنهنجي ڏرتي جي لاءِ سرن جا نظرانه ڏنا ۽ ڏرتي جي لاءِ قريشي خاندان جون لازوال قرباني آهن ، ان شهيدن ۽ سائين جي ايم سيد جي عدم تشدد واري ڏسيل واٽ تي عمل ڪندي پنهنجي ڏرتي ۽ پنهنجي ڏرتي ڏٽين جي واهر ڪئي آهي متس ڪوڙا ڪيس داخل ڪري جيل موڪليو ويو پر هو ثابت قدمي سان ڪيسن کي منهن ڏيئي آزاد ٿي ويو اسان سنڌ واسين کي متحد ٿي ڪري شهيدبشيرخان قريشي جي پڳدار پٽ جو ساٿ ڏيڻو پوندو ان موقعي تي صلاح الدين برفت ،غلام رسول،شبيرجانديو احسن چچر کي ميمبرشپ ڏني وئي

بقايا سنڌيار 29

معاملن تي گفتگو ڪئي وئي. ان موقعي تي زوهيب زرداري ملير ضلعي اندر جعلي صحافين جي پرمار روڪڻ لاءِ ايس ايس پي کي ايڪشن پلان جوڙڻ جي گذارش ڪئي، جنهن تي ايس ايس پي ملير مڪمل سهڪار جي خاطري ڪرائيندي چيو ته حقيقي ۽ عامل صحافي جعلي ۽ پٽي خور صحافين جي نشاندهي ڪن ته قانوني ڪارروائي لاءِ هر قدم ڪنيو ويندو ان موقعي تي زوهيب زرداري ايس ايس پي ملير حسن سردار نيازي کي آگاهه ڪيو ته ضلعي اندر سماجي برائين، ڪوڪنگ آئل جي چوري، ڊيزل جي اسمگلنگ، گئس ۽ پاٽي جي چوري سميت مختلف ڏوهن ۾ جعلي صحافي سڏي ريت ملوٽ آهن. تنهن ڪري اهڙن ڏوهن کي روڪڻ لاءِ خاص قدم کڻڻ ضروري آهي جنهن تي پڻ ايس ايس پي ملير چيو ته سماجي ڏوهن ۾ ملوٽ ڏرين کي ڪيفر ڪردار تائين پهچايو ويندو

بقايا سنڌيار 30

ڪي حق سچ چوڻ تي ڏمڪيون ڏئي رهيو آهي گذريل 10 سالن کان وئي اسان سان ظلم ڪري رهيو آهي اسان سان ٽوري گهٽي حق سچ چوڻ تي وڙهي ٿو پوي اسان وس وارن اعلي اختيارين برادري جي چگن مڙسن کي اپيل ٿا ڪريون ته اسان جو بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي ته اسان هن جي قول فعل جا ذميوار نه آهيون نه ئي وري اسان کي هن جي قول فعل جي ڪري اسان کي ڪوئي پريشان ڪري جيڪو به هن سان ڏيتي ليتي يا مسئلو مسائل ڪندو ان جو ذميوار هي پاڻ هوندو

بقايا سنڌيار 31

جا ساه مٽ ۾ تفصيل موجب . خوراڪ ڪاتي سنڌ سکر ضلعي جو ٽارگيٽ ساڍا اٺ لک پوريون خردي ڪرڻ جو حدف ڏنو هو جنهن لاءِ سکر ضلعي اندر 22 ڪان وڌيڪ فوڊ انسپيڪٽر خريداري سينٽرن ۽ گدامن تي رکيا هئا جن ۾ ڪل ٽارگيٽ پورو ن ڪري سگهيا ڪڻڪ خريد ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي ويا آهن سکر شهر جي سڀني گدام جي انچارج غلام حيدر پٽو 25 هزار هورين جي ٽارگيٽ مان چار هزار هورين خريداري ڪري سگهيو ان سميت ڪيترائي فوڊ انسپيڪٽر ٽارگيٽ پورو ناهين ڪري سگهيا جنهن لاءِ خوراڪ ڪاتي سنڌ ڪراچي جي سيڪريٽري سنڌ سموري سنڌ جي ڊپٽي ڊاريڪٽر ۽ ڊي ايف سيز ڪي ڪراچي اڄ طلب ڪري ورتو آهي ذريعن جي چان موجب ت اسملنگ ٽينڊرڊ ڪڻڪ کي روڪڻ ۾ خوراڪ ڪاتو سکر مڪمل ناڪام ٿي ويو آهي اهو ب معلوم ٿيو آهي ت قاضي احمد سان تعلق رکندڙ سنڌ جي ڊان واپاري پرديپ ڪمار سان خوراڪ ڪاتي سکر ملي پگهٽ ڪري ڪڻڪ جا ٽرالا سي پيڪ ذريعي ٻاهر موڪلرايا آهن ڳري رشوت عيوض جنهن ۾ فوڊ جا چهيتا سکر خوراڪ ڪاتي جي ڪامورن جا ڪمائو پٽ ملوٽ هڻا جنهن سبب ڪڻڪ جي اسملنگ بند ٿي ن سگهي ۽ ٽارگيٽ سکر ضلعي جو پورو ن ٿي سگهيو آهيس38

بقايا سنڌيار 32

ڪرون تا. پاڪ فوج ۽ ملڪي ملڪيتن کي تباهه ڪرڻ دهشتگردي وارو عمل آهي ۽ جيڪو به ان تخريبڪاريءَ ۾ ملوٽ آهي ان کي سخت سزا ملڻ گهرجي. احتجاج ڪندڙن وڌيڪ چيو ته سنڌ هاءِ ڪورٽ جي باوجود بااختيار عدالت کي اونده ۾ رکندي درخواستگذارن کي هڪ طرفي عدالت ذريعي ڪارروائي. درخواست ڏيندڙن کي اشتهاري قرار ڏنو ويو. درخواستگذار خاندان گذريل ڇٽن ڏهاڪن کان درس و تدريس جي مقدس پيشي سان لاڳاپيل آهي ۽ قانون جي مڪمل پاسداري ۾ يقين رکي ٿو. هن هڪ طرفي عدالتي ڪارروائيءَ سان قاضي خاندان جو بهترين تعليمي رڪارڊ موجود آهي، جو ڪردار داغدار ٿيو آهي، عدالت اعلا گذريل سال داخل ڪيل هن بوگس ڪيس جي آزاد انڪوائري ڪرائي، ڏرين کي نوٽيس جاري ڪري چڏيا آهن. پوليس ان ڪيس ۾ ڪا به گرفتاري يا وڌيڪ ڪارروائي نه ڪري. جنهن بعد ڪيس جي ٻڌڻي اڄاتل مدي تائين ملتوي ڪئي وئي.

بقايا سنڌيار 33

ڪري ڏرٽو ان موقعي تي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته هڪ مهيني کان مٿي عرصو ٿي چڪو آهي جو هنگورجا پوليس اسان جي نوجوان بلاجواز ڪنيي گهر ڪري چڏيو آهي ۽ نه وري پوليس اسان کي سندس سان ملاقات ڪرڻ ڏيئي ٿي هنن چيو ته جيڪڏهن اسان جي نوجوان ملتان کوڪيس وغيره آهي ته اهو به ظاهر ڪيو وڃي هنن خدشو ڏيکاريو ته اسان جي نوجوان کي ڪوڙو مقابلو ڏيکاري ماريو نه وڃي هنن چيف جسٽس پاڪستان ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو ته اسان سان انصاف ڪيو وڃي